www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) جمعو 19 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 25 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 339) قيمت 20 روپيا

پاڪ چين دوستي منفرد، وقت جي آزمايل ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو بنياد آهي: صدر آصف

پاڪستان دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خلاف چين سان گڏجي ڪم جاري رکندو ۽ زراعت، مينوفيڪچرنگ، لائيو اسٽاڪ، صنعت، ڪاٽين جي ڪوٽائي ۽ نئين ٽيڪنالاجيز جي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيندو

صدر آصف علي زرداري اورومچي ۾ سنڪيانگ اويغور خودمختيار علائقي جي ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري چن شيائوجيانگ سان ملاقات ڪئي

ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري چن شيائوجيانگ صدر جو شاندار استقبال ڪيو ۽ صدر آصف علي زرداري جي 2011ع ۾ هڪ نمائش (ايڪسپو) ۾ شرڪت جي لاءِ اورومچي دوري جو ذڪر ڪيو

هڪ ڀيرو ٻيهر سنڪيانگ جو دورو ڪري رهيو آهيان ۽ چيني عوام جي يڪجهتي ۽ خطي جي شاندار ترقي جي تمام گهڻي خوشي آهي: آصف علي زرداري

ان ڏينهن جو منتظر آهيان جڏهن ٻئي ملڪ رستي جي ذريعي آساني سان هڪ ٻئي تائين پهچي سگهندا: ملاقات دوران ڳالهيون

سنڪيانگ جي سي پيڪ ۾ اهم ڪردار کي اجاگر ڪندي صدر صنعتي ۽ زرعي تعاون کي وڌائڻ جي ترغيب ڏني ۽ گلگت بلتستان ۾ خصوصي اقتصادي زونز جي صلاحيت جو حوالو ڏنو

اورومچي (م د) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪ چين دوستي منفرد، وقت جي آزمايل ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو بنياد آهي، پاڪستان دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خلاف چين سان گڏجي ڪم جاري رکندو ۽ زراعت، مينوفيڪچرنگ، لائيو اسٽاڪ، صنعت، ڪاٽين جي ڪوٽائي ۽ نئين ٽيڪنالاجيز جي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيندو. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اورومچي: صدر زرداري ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري چن شيائوجيانگ سان ملاقات ڪندي

وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي پاران پاڪ سعودي دفاعي معاهدي جي آجيان

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي چيئرمين ۽ تعليم واري وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي پاڪ سعودي دفاعي معاهدي جي آجيان ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ سعودي جي وچ ۾ دفاعي سهڪار جو هي نئون باب ترقي جي نئين دور جو بنياد رکندو هن چيو ته پوري قوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نهايت اهم ملڪ آهي: محمد اورنگزيب

حڪومت ٽيڪس، توانائي، سرڪاري ادارن ۾ بهتري، پبلڪ فنانس ۽ اداره جاتي ڍانچي ۾ وڏي پيماني تي سڌارن لاءِ قدم کڻي رهي آهي، جڏهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ نجڪاريءَ جو عمل وڌيڪ تيز ٿيندو

ويجهڙ ۾ عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسين پاڪستان جي معاشي منظرنامي تي مثبت رپورٽون جاري ڪيون آهن، جنهن سان عالمي حصيدارن سميت يورپي يونين جو اعتماد وڌيو آهي

ڪاروباري اعتماد ۾ بهتري آئي آهي ۽ مقامي سيڙپڪارن کي وڌيڪ سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي، وفاقي وزير هاٽوڪي ٻوڏ سبب فصلن، چوپائي مال ۽ بنيادي ڍانچي کي پهتل نقصان تي روشني وڌي

هن وقت تائين 950 کان وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن، جڏهن ته روڊن، پُلين ۽ فصلن جي پهتل نقصان جو ڪاٿو اين ڊي ايم اي ۽ مواصلاتي سيارچن مان حاصل تصويرن ذريعي لڳايو پيو وڃي

يورپي ڪمپنيون پاڪستان ۾ تيل ۽ گيس، معدني وسيلن، آءِ ٽي، زراعت، توانائي، ماليات ۽ هوابازي جي شعبن ۾ نجڪاريءَ جي موقعن مان فائدو کڻن: ناڻي وارو وفاقي وزير

اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان ۾ يورپي يونين جي نئين مقرر سفير ريمونداس ڪاروبلس سان ملاقات دوران ڪيو، پاڪستان ۽ يورپي يونين وچ ۾ اقتصادي سهڪار وڌائڻ ۽ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ جا ناتا وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي زور ڏنو ويو

اسلام آباد (بيورو) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته حڪومت ٽيڪس، توانائي، سرڪاري ادارن ۾ بهتري، پبلڪ فنانس ۽ اداره جاتي ڍانچي ۾ سڌارن جي حوالي سان قدم کڻي رهي آهي، نجڪاريءَ جي عمل ۾ تيزي آندي پئي وڃي، يورپي ڪمپنيون پاڪستان ۾ تيل ۽ گيس، معدني وسيلن، آءِ ٽي، زراعت، توانائي، ماليات ۽ هوابازي جي شعبن ۾ نجڪاريءَ جي موقعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير پاڪستان ۾ مقرر نئين يورپي يونين جي سفير سان ملاقات ڪندي

ويڪسين جي حوالي سان فضول افواهون ڦهلائڻ کان پاسو ڪيو وڃي: مصطفيٰ ڪمال

شهري سروائيڪل ڪينسر کان بچاءَ جي ويڪسين جي اهميت تي يقين رکن ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا کان پاسو ڪن

ڊاڪٽر راشده بتول سميت سمورا اهلڪار پنهنجي ٻارن کي ويڪسين لڳرائي چڪا آهن

تل ابيب (م د) اسرائيل جي بچاءَ واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته اسرائيل گهٽ لاڳت واري اينٽي ميزائل هاءِ پاور ليزر سسٽم "آئرن بيم" جا ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ: ڪچي جو وڏو علائقو ٻڏي ويو، فصل پاڻي هيٺ

سنڌ ۾ سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ برقرار آهي جنهن سبب ڪچي جو وڏو علائقو ٻڏي ويو آهي

گهرن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سان گڏ فصل تباهه ٿي ويا آهن. ٻوڏ وهڪرا اچڻ کان پوءِ ڳوٺاڻن جو ٻيڙين ذريعي لڏ پلاڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو

سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ صورتحال سان گڏ 5 لک 71 ڪيوسڪ جو وهڪرو موجود آهي: نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر

سکر (رپورٽر) سنڌ ۾ سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ برقرار آهي جنهن سبب ڪچي جو وڏو علائقو ٻڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

تعليمي ميدان ۾ سڌارا پنجاب جي وزيراعليٰ جي ترجيح آهن: وفاقي وزير حنيف عباسي

راولپنڊي (م د) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته تعليمي ميدان ۾ سڌارا پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: چيئرمين نثار احمد کهڙو سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن لاءِ پينشن جو پراڻو نظام بحال ڪري ڇڏيو

سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن لاءِ اعلان ڪيل ڪنٽري بيوشن پينشن اسڪيم ختم ڪندي نون ڀرتي ٿيندڙ ملازمن لاءِ وري پراڻو پينشن نظام بحال ڪري ڇڏيو آهي

گذريل سال سيپٽمبر 2024 ۾ سنڌ ڪابينه نئين ڀرتي ٿيندڙ صوبائي ملازمن لاءِ ڊيفائنڊ ڪنٽري بيوشن پينشن اسڪيم جي باقاعده منظوري ڏني هئي

اسڪيم تحت هر سرڪاري ملازم کي پنهنجي بنيادي پگهار جو ڏهه سيڪڙو هر مهيني جمع ڪرائڻو پوندو هو، حڪومت ان جي مقابلي ۾ ٻارهن سيڪڙو جمع ڪرائيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن جي لاءِ اعلان ڪيل ڪنٽري بيوشن پينشن اسڪيم ختم ڪندي نئين ملازمن جي لاءِ پينشن جو پراڻو نظام بحال ڪري ڇڏيو تفصيل موجب سيپٽمبر 2024 تي سنڌ ڪابينه نئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنگل بئنچ جو فيصلو معطل، پي ٽي اي چيئرمين عهدي تي بحال

جسٽس محمد آصف ۽ جسٽس انعام امين منهاس پي ٽي اي چيئرمين جي بحالي جو حڪم جاري ڪيو

واضح رهي ته سنگل بئنچ جي فيصلي خلاف وفاقي حڪومت انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪئي هئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) چيئرمين کي پنهنجي عهدي تي بحال ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ سنگل بئنچ جو فيصلو معطل ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مودي سرڪار کي سعودي عرب ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ان اڳڀرائي بابت ڄاڻ هئي: ڀارتي وزير

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دفاعي معاهدي تي صحيحن جون رپورٽون ڏٺيون آهن

معاهدي جي شقن تحت هڪ ملڪ خلاف اڳرائي ٻنهي خلاف حملو تصور ڪئي ويندي

نئين دهلي (م د) پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ تاريخي دفاعي معاهدي تي ڀارت جو ردعمل سامهون آيو آهي. ڀارتي پرڏيهي کاتي جي ترجمان رنڌير جئسوال سوشلا ميڊيا سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ پيڪيون هٿندي چيو ته مودي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني جو روسي پارليامينٽ جي اسپيڪر سان ٽيليفونڪ رابطو، عالمي اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت

اسلام آباد (بيورو) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني روسي پارليامينٽ جي اسپيڪر مس والينتينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سعودي عرب ۽ پاڪستان جو دفاعي معاهدو ڪنهن مخصوص واقعي جو ردعمل نه آهي: سعودي

دفاعي معاهدو سعودي عرب ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڊگهي تعاون جي عڪاسي آهي: سعودي اعليٰ عهديدار

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٿيل دفاعي معاهدو سمورن فوجي مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿو

ياد رهي ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ راڄڌاني رياض ۾ گڏيل دفاعي معاهدو ٿي ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) سعودي عرب جي اعليٰ عهديدار پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٿيل دفاعي معاهدي کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڊگهي تعاون جي عڪاسي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. سعودي اعليٰ عهديدار برطانوي خبرون ڏيندڙ ايجنسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

يمن جي سمنڊ ۾ ڪيبل ڪٽجڻ سبب ملڪ ۾ انٽرنيٽ جي رفتار سست آهي: اختيارين

پاڪستان ۾ انٽرنيٽ جي سستي جو سبب يمن جي سمنڊ ۾ ميرين ڪيبل جو ڪٽجڻ آهي

پاڪستان ڏانهن ايندڙ ۾ ڪيبلز متاثر ٿيون آهن. ڪمپنين بينڊوٿ متبادل روٽ تي منتقل ڪئي آهي

اسلام آباد (بيورو) آءِ ٽي اينڊ ٽيلي ڪام سيڪريٽري چيو آهي ته يمن جي سمنڊ ۾ ميرين ڪيبل ڪٽجڻ سبب پاڪستان ۾ انٽرنيٽ جي رفتار سست آهي. قومي اسيمبلي جي آءِ ٽي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس ۾ انٽرنيٽ جي سست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس، گهوٽڪي-ڪنڊڪوٽ پل جو ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ جو حڪم

مان نومبر ۾ ذاتي طور پل جي سائيٽ جو دورو ڪندس ۽ وزير کي هدايت ته ڌيان ته منصوبي جي اڳڀرائي جو لڳاتار جائزو وٺندو رهي: مراد علي شاهه

گهوٽڪي-ڪنڊڪوٽ پل درياءِ سنڌ تي سڀ کان ڊگهو پل هوندو جنهن جي ڊيگهه 12.15 ڪلوميٽر هوندي

گهوٽڪي ۽ ڪنڊڪوٽ جا اپروچ روڊ ۽ لنڪ روڊ مڪمل ٿي ويا آهن اهڙي طرح جري واهه، گهوٽڪي فيڊر ڪينال ۽ ٽي مائنر تي پل به تعمير ٿي ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه درياءِ سنڌ تي گهوٽڪي-ڪنڊڪوٽ پل منصوبي جي اڳڀرائي بابت اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي، ٻوڏ ۽ ٻين مسئلن سبب معطل ٿيل تعميراتي ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ جا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

توهين رسالت ڪيس ۾ گرفتار انجنيئر محمد علي مرزا اڏيالا جيل منتقل

محمد علي مرزا کي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) عملي جيل اختيارين حوالي ڪيو

محمد علي مرزا خلاف توهين رياست ۽ پيڪا ايڪٽ تحت اين سي سي آءِ اي ۾ ڪيس داخل آهي: ذريعا

راولپنڊي (م د) توهين رسالت ڪيس ۾ گرفتار انجنيئر محمد علي مرزا کي اڏيالا جيل منتقل ڪيو ويو محمد علي مرزا کي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) عملي جيل اختيارين حوالي ڪيو. سنڌس خلاف اين سي سي آءِ اي راولپنڊي ۾ ڪيس داخل آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته محمد علي مرزا خلاف توهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ن ليگ ۽ پنجاب حڪومت هڪ بيمار شخص جي حمايت ۾ مهر هلائي رهيا آهن: شرجيل انعام ميمڻ

هي هڪ افسوسناڪ عمل آهي، اهڙو رويو سنڌ صوبي لاءِ هڪ منفي پيغام آهي: سينيئر صوبائي وزير

ن ليگ جي پنجاب حڪومت عوام جو ڌيان پنهنجي خراب ڪارڪردگي تان هٽائڻ چاهي ٿي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پنجاب حڪومت پاران رضوان رازي جي حمايت ۾ مهر کي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو آهي ته مسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي ختم ڪيو وڃي: راڻا ثناءُ الله

بينظير روزگار اسڪيم يا هنرمند اسڪيم بڻايو وڃي، وفاق طرفان تمام وڏي رقم ڏني وڃي ٿي، جيڪا مناسب ناهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان ٻوڏ متاثرن جي مدد نه ٿي ڪري سگهجي، پيپلز پارٽي کي صاف جواب ڏنو ويو آهي

لاهور (م د) سينيٽر راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي ختم ڪيو وڃي، ان ۾ سڌارا آڻڻ جي ضرورت آهي. ان کي بينظير روزگار اسڪيم يا هنرمند اسڪيم بڻايو وڃي. غريده فاروقي جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو ته وفاق طرفان تمام وڏي رقم ڏني وڃي ٿي، جيڪا مناسب ناهي. ان معاملي تي پارليامينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ ناصر شاهه جي چيني اليڪٽرڪ چارجنگ ڪمپني جي عملدارن سان ملاقات

ڪمپني عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سيد ناصر حسين شاهه کي جديد چارجنگ ٽيڪنالاجي بابت بريفنگ ڏني

ٽرانسپورٽ جو مستقبل صاف توانائي ۽ اليڪٽرڪ گاڏين سان جڙيل آهي، سنڌ ان تبديلي ۾ پوئتي نه رهندو: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ

توانائي ۽ ٽرانسپورٽ اڄ جي دنيا ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل شعبا آهن. سنڌ اڳ ئي قابلِ تجديد توانائي جي ميدان ۾ اهم قدم کنيا آهن: ناصر حسين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پاران اوگرا هيڊ آفيس جو دورو

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: شرجيل ميمڻ ۽ ناصر شاهه چيني اليڪٽرڪ چارجنگ ڪمپني جي عملدارن سان ملاقات ڪندي

ڪراچي: ڪي ڊي اي جي ڊي جي آصف جان صديقي سان ڊائريڪٽر فنانس سهيل باسط ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪي ڊي اي ۾ سهيل باسط نئون ڊائريڪٽر فنانس اينڊ اڪائونٽس مقرر

ڪي ڊي اي ڊائريڪٽر جنرل آصف جان صديقي جي حڪمن تحت سهيل باسط کي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو

سهيل باسط اڳ ۾ مختلف مالي ۽ انتظامي عهدن تي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪي ڊي اي ۾ سهيل باسط کي نئون ڊائريڪٽر فنانس اينڊ اڪائونٽس مقرر ڪيو ويو ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سپريم ڪورٽ کان رڳو 31 ڪلوميٽر پري آهيان پر انصاف جا دروازا مون لاءِ بند آهن: عمران خان جو چيف جسٽس کي خط

772 ڏينهن کان اڪيلائي ۾ قيد آهيان، منهنجو ڪمرو پڃرو بڻايو ويو آهي، 300 کان وڌيڪ سياسي ڪيس قائم ڪيا ويا آهن، پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙو مثال نٿو ملي

بشريٰ بي بي جي صحت بگڙجي رهي آهي پر ڊاڪٽر کي معائني جي اجازت نٿي ڏني وڃي: عمران خان جو خط ۾ اظهار

خط جي آخر ۾ عمران خان لکيو ته اڄ پاڪستان هڪ فيصلائتي موڙ تي بيٺو آهي، رڳو آئين ۾ ڏنل انصاف، وقار ۽ برابري جو طلبگار آهيان

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيف جسٽس يحيٰ آفريدي کي هڪ ٻيو خط لکي ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سميوٽا پاران سينيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي چونڊيل نمائندن کي مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن (SMUTA) سينيٽ جي 10/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان آزاد جمون ۽ ڪشمير جو وفد ملاقات ڪندي

نادرا پاران ڪراچي ۾ شهرين جي سهولت لاءِ نوان ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان

نادرا طرفان ڪراچي ۾ مارچ 2026 تائين نوان ميگا سينٽر کوليا ويندا: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ

نوان سينٽر گلشن اقبال، گلبرگ ۽ سرجاني ٽائون ۾ کوليا ويندا جيئن عوام کي وڌ کان وڌ سهولت ملي

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل ڊيٽابيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) ڪراچي ۾ شهرين جي سهولت لاءِ نوان ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صوبائي محتسب سنڌ ۽ هيلپنگ هينڊز فار ريليف اينڊ ڊولپمينٽ جي وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحن جي تقريب

دستخط جي تقريب ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت، سيڪريٽري منصور عباس رضوي، ڊي جي-ون نسيم الدين ميراڻي شرڪت ڪئي

مفاهمت جي ياداشت تحت، هيلپنگ هينڊز صوبائي محتسب سنڌ آفيس بابت عوامي آگاهي ۾ ڪردار ادا ڪندو

ڪراچي (18 سيپٽمبر 2025): صوبائي محتسب سنڌ ۽ هيلپنگ هينڊز فار ريليف اينڊ ڊولپمينٽ جي وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحن جي تقريب صوبائي محتسب سنڌ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ منعقد ڪئي وئي. دستخط جي تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ميٽرڪ بورڊ چيئرمين جي مقرري: سنڌ هاءِ ڪورٽ وفاقي حڪومت کان تفصيلي جواب گهري ورتو

ميٽرڪ بورڊ چيئرمين غلام حسين سوهو جي مقرري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت پڇاڻو ڪيو ته غلام حسين سوهو کي وفاقي حڪومت ڪڏهن ريليو ڪيو

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن غلام حسين سوهو کي ريليو آرڊر اڃا تائين جاري ناهي ڪيو، ان باوجود ميٽرڪ بورڊ چيئرمين هڪ ئي وقت ۾ ٻن ادارن مان پگهارون وصول ڪيون: وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميٽرڪ بورڊ چيئرمين غلا حسين سوهو جي مقرري خلاف درخواست تي وفاقي حڪومت کي تفصيلي جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ميٽرڪ بورڊ چيئرمين غلام حسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

9 مئي ڪيسز: اي ٽي سي پاران پي ٽي آءِ جي 14 اڳواڻن جا اشتهار جاري

راولپنڊي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج امجد علي شاهه جوابدارن جو اشتهار جاري ڪيو

اشتهار تي رپورٽ داخل ٿيڻ تي جوابدارن کي مفرور قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي ويندي

راولپنڊي (م د) 9 مئي جي ڪيسز ۾ پي ٽي آءِ جي 14 اڳواڻن جا اشتهاي جاري ڪيا ويا آهن. راولپنڊي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مغوي اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف نورزئي بازياب، وڏي وزير جي خصوصي جهاز ذريعي ڪوئيٽا منتقل

اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف نورزئي جي بازيابي لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ڪيچ ۽ قبائلي شخصيتن جون ڪوششون رنگ کڻي آيون

اسسٽنٽ ڪمشنر تمپ حنيف نورزئي کي هلندڙ سال 3 جون تي ڪيچ مان ڪوئيٽا ايندي هٿياربندن اغوا ڪيو هو: ڊپٽي ڪمشنر ڪيچ

اسسٽنٽ ڪمشنر کي آزاد ڪرڻ جي اطلاع ملڻ تي بلوچستان جي وڏي وزير جو خصوصي جهاز ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف نورزئي کي ڪوئيٽا پهچايو ويو

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ضلعي ڪيچ مان ساڍا 3 مهينا اڳ اغوا ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر تمپ محمد حنيف نورزئي بازياب ٿي ويو. ڪيس وڏي وزير جي خصوصي جهاز ۾ ڪوئيٽا پهچايو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف نورزئي جي بازيابي لاءِ ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ ورهائڻ ۽ قبضن خلاف تحريڪ هلائينداسين: وسند ٿري

سنڌو درياهه تي ڏاڙن، ڏاڙيل راڄ، منشيات جي واپار ۽ حڪمرانن جي ڪرپشن سنڌ کي گهڻ طرفي گهيري هيٺ آندو آهي

حڪمران ۽ اسٽيبلشمينٽ 27هين آئيني ترميم ذريعي نوان صوبا ناهي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا آهن

ڪالاباغ ڊيم سميت مختلف ڊيمن، ڪئنالن ذريعي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن: عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر

حيدرآباد (پ ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر، مرڪزي نائب صدر ستار رند، مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ راحيل پتو ۽ مرڪزي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آرٽس ڪائونسل ويجهو جي يو آءِ جو جلسو، ٽريفڪ پلان جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ٽريفڪ پوليس اڄ جي يو آءِ (ف) جي ريلي جي حوالي سان ٽريفڪ پلان جاري ڪيو آهي. ڪراچي ۾ اڄ ايم آر ڪياني چوڪ ۽/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: عبدالجبار خان

وزيراعليٰ سنڌ جي خاص مددگار براءِ خوراڪ عبدالجبار خان جي صدارت ۾ خوراڪ کاتي ڪراچي ڊويزن جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ گندم جي موجوده ذخيرن، صوبي جي طلب ۽ رسد، نئين رليز پاليسي ۽ فلور ملز تائين بروقت فراهمي بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس کي آگاهي ڏني وئي ته ڪراچي ڊويزن سميت سموري سنڌ ۾ ڪڻڪ جا ذخيرا اطمينان بخش آهن ۽ عوام کي ضرورت مطابق فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي خاص مددگار براءِ خوراڪ عبدالجبار خان جي صدارت ۾ خوراڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

عمران خان جي وڊيو لنڪ حاضري بابت ايس او پيز جاري

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ جي خاص مددگار براءِ خوراڪ عبدالجبار خان جي صدارت هيٺ اجلاس جو ڏيک

برسات کان پوءِ سموري سنڌ ۾ مليريا جي ڪيسز ۾ رڪارڊ اضافو

جنوري کان 18 سيپٽمبر تائين سموري سنڌ ۾ مليريا جا هڪ لک 54 هزار 123 ڪيسز سامهون آيا

مليريا جا سڀني کان وڌيڪ 620 ڪيسز ضلع ملير ۾ رپورٽ ٿيا: صحت کاتو

ڪراچي (رپورٽر) برسات کان پوءِ سموري سنڌ ۾ مليريا جي ڪيسز ۾ رڪارڊ اضافو ٿي رهيو آهي، جنوري کان 18 سيپٽمبر تائين سموري سنڌ ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

سنڌ جي آبپاشي وزير جام خان شورو جو ڪوٽڙي بيراج تي دورو

صوبائي وزير آبپاشي ٻوڏ جي هاٽوڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌو درياهه ۽ بچاءَ بندن جائزو ورتو

چيف انجنيئر سنڌ درياءَ جي ڪوٽڙي بيراج تي ممڪن سيلابي حالتن بابت وزير کي تفصيلي بريفنگ ڏني

19 ۽ 20 سيپٽمبر دوران ڪوٽڙي بيراج تي 4 کان ساڍا 4 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچڻ جو امڪان آهي

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ جي آبپاشي واري کاتي جي وزير جام خان شورو ڪوٽڙي بيراج جو دورو ڪيو. جتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڄامشورو: صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو ڪوٽڙي بيراج جي بندن جو دورو ڪندي

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان آزاد جمون ۽ ڪشمير جي وفد جي ملاقات

اسلام آباد (بيورو) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

روزاني عوامي سوچ — جمهوري سوچ جي ترجمان — Daily AWAMI SOCH KARACHI — ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهہ

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ: 03153327758



ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

جمعو 19 سيپٽمبر 2025ع

زميندار ي بندن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي

سنڌ جو دريائي نظام صديون پراڻو آهي، جنهن سان ٿي زراعت، رهڻي ڪهڻي، معيشت ۽ ماحوليات سڀ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهيا آهن. سنڌو درياهه جي پاڻيءَ سان جڙي ويل هي زندگيءَ جو سلسلو رڳو زراعت جي تڪميل جو ذريعو نه رهيو آهي، پر هن خطي جي سماجي ۽ ثقافتي ڍانچي ۾ به ان جو بنيادي ڪردار رهيو آهي. جڏهن ڪان سنڌو نديءَ جا وهڪرا منظم نظام ذريعي ماڻهن تائين پهچايا ويا، تڏهن ڪان پاڻي ڪي اجتماعي وسيلو ۽ عوامي حق سمجهيو ويندو رهيو آهي. پر افسوس جو گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ هي تاريخي ۽ اجتماعي ورثو طاقتور زميندارن جي نجي اجاراداري ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي، ۽ اڄ صورتحال ايتري نه سنگين ٿي چڪي آهي جو زرعي پيداوار ڪان وٺي ماحوليات تائين سڀ ڪجهه خطري ۾ اچي ويو آهي.

سنڌ ۾ غيرقانوني زميندار ي بند تعمير ڪرڻ جو عمل هاڻي ڪنهن راز ڪان گهٽ ناهي. درياهن، شاخن ۽ واهن تي بااثر زميندار پنهنجي زمينن لاءِ خانگي بند اڏائي پاڻيءَ جو رستو بدلائي وٺن ٿا، جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪجهه علائقا ته پاڻيءَ سان ٻرجي وڃن ٿا پر ڪيترائي ٻيا علائقا خشڪيءَ جي ور چڙهي وڃن ٿا. هزارين ايڪڙ زمين سڪي وڃي ٿي، آباد ڳوٺ ويران ٿي وڃن ٿا، ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿين ٿا، ۽ ماحولياتي تباهيءَ جو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو. هي رڳو پاڻيءَ جي ڪوٽ جو معاملو ناهي، پر هڪ اهڙي نجي اجاراداري جو نتيجو آهي، جيڪو اجتماعي وسيلن تي هڪ خاص طبقو قائم ڪري رهيو آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته مغلن ڪان وٺي انگريزن جي دور تائين سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ ضابطا ۽ قاعدا موجود هئا. انگريزن "سنڌ واهن جو نظام" متعارف ڪرايو جنهن تحت هر بند يا واهه لاءِ قانوني اجازت لازمي هئي. پر جڏهن 1970ع ڪان پوءِ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ انتظامي ڍانچي ۾ زميندارن جي گرفت وڌڻ شروع ٿي، ۽ خاص طور تي 1990ع واري ڏهاڪي ڪان پوءِ بااثر ماڻهن کلي عام پاڻيءَ تي پنهنجي اجاراداري قائم ڪرڻ شروع ڪئي. آهي نه رڳو زميندار هئا، پر گهڻا ته پاڻ حڪومتي ماڻهو به هئا. طاقت ۽ اثر رسوخ جي نشي ۾ هنن اجتماعي وسيلن کي ذاتي ملڪيت بڻائڻ شروع ڪيو جنهن جو نتيجو اڄ اسان جي اڳيان آهي.

زميندار ي بندن جو سڀ ڪان وڏو ذميوار آبپاشي کاتو آهي جيڪو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي. هي کاتو جيڪو واهن، شاخن ۽ بندن تي قانوني ۽ غيرقانوني تعميرن جي روڪٿام لاءِ قائم ٿيو هو اڄ ڪرپشن، سياسي مداخلت ۽ دٻاءَ جي ڪري بي اثر ٿي ويو آهي. آفيسرن لاءِ بااثر زميندارن جي بندن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويو آهي. بجاءِ عوامي حقن جي تحفظ ڪرڻ جي، کاتو اڪثر زميندارن جي ونگار وهي ٿو ضلعي انتظاميا به بي عمليءَ جو شڪار آهي، چو ته ڪنهن به ڊي سي يا اسسٽنٽ ڪمشنر لاءِ بااثر شخصيتن خلاف قدم کڻڻ سياسي خودڪشيءَ ڪان گهٽ ناهي. قانوني نظام جي سستي به هن عمل کي وڌيڪ هٽي ڏئي رهي آهي. عدالتن ۾ ڪيس هلن ٿا، پر نتيجا نه نڪرندا آهن. اهڙيءَ طرح پاڻيءَ تي غيرقانوني بند وڌندا پيا وڃن. هي رڳو زمين ۽ زراعت جو نقصان ناهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جو سڀ ڪان وڏو اثر ماحوليات تي پيو آهي. ڊيلٽا سڪڻ لڳيون آهن. مڇين جي نسل ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي، ۽ ٻوڏن جو قدرتي نظام بگڙي ويو آهي. جڏهن پاڻيءَ جي قدرتي وهڪري کي بندن ذريعي موڙيو وڃي ٿو تڏهن درياهه پنهنجو قدرتي رستو وڃائي ٿو جنهن جو نتيجو غير متوقع ٻوڏن جي صورت ۾ نڪري ٿو. هڪ طرف ڪجهه زميندار پنهنجا فصل بچائن ٿا، پر ٻئي طرف هزارين غريب آبادگارن جي فصلن جو جنازو نڪري وڃي ٿو.

اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هي سڀ رڳو انتظامي نااهلي آهي يا وسيلن تي منظم اجاراداري قائم ڪرڻ آهي؟ حقيقت اها آهي ته ٻنهي شين جو ميلاپ هتي نظر اچي ٿو. جيڪڏهن انتظامي ادارا پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪن ها، ته ڪو به زميندار ايترو جرئت نه ڪري ها جو درياهه تي قبضو ڪري سگهي. پر جڏهن آبپاشي کاتي جا عملدار، ضلعي انتظاميا جا آفيسر ۽ سياسي قيادت پاڻ هن عمل ۾ ملوث هجن يا انهن جي سرپرستي ڪن، تڏهن اجتماعي وسيلن کي بچائڻ لاءِ ڪير اڳتي ايندو؟ ميڊيا ۽ سول سوسائٽي به گهڻو ڪري هن معاملي تي خاموش رهي آهي.

انهيءَ صورتحال مان نڪرڻ لاءِ هاڻي رڳو ڳالهين سان ڪم نه هلندو. غيرقانوني زميندار ي بندن جو سروي ڪري انهن کي فوري طور ختم ڪرڻو پوندو. آبپاشي کاتي کي احتساب جي تابع بڻائڻو پوندو ۽ انهن عملدارن جي جاچ ڪرڻي پوندي جيڪي هن عمل ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻيل آهن. عدالتي نگرانيءَ هيٺ هڪ خاص ٽاسڪ فورس قائم ٿيڻ گهرجي، جيڪا سياسي اثر رسوخ کان آزاد هجي ۽ پاڻيءَ تي غيرقانوني اجارا ختم ڪري. جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال به هتي مددگار ٿي سگهي ٿو. ڊرون، سيٽلائيٽ تصويرون ۽ GIS ذريعي پاڻيءَ جي ورڇ جي حقيقي صورتحال عوام آڏو آڻڻ گهرجي، جيئن ڪو به زميندار حقيقت لڪائي نه سگهي. پاڻي سنڌ لاءِ رڳو وسيلو نه آهي، پر زندگيءَ جو بنياد آهي. ان تي اجاراداري رڳو معاشي ناانصافي ناهي، پر اجتماعي زندگيءَ خلاف هڪ ڏوهه آهي. جيڪڏهن اڄ سنڌ جا ماڻهو حڪومت ۽ عدالتون جاڳي نه سگهيا ته ايندڙ نسلن لاءِ پاڻي نه رهندو، زراعت ختم ٿي ويندي ۽ سنڌ جو قدرتي ماحول تباهه ٿي ويندو. هي معاملو ڪنهن هڪ علائقي يا ڪنهن هڪ زميندار تائين محدود ناهي، پر سنڌ جي مستقبل سان سڌو سنئون جڙيل آهي.

وقت اچي ويو آهي ته عوام پاڻ به هن معاملي تي پنهنجو آواز اٿارين. ميڊيا کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو سول سوسائٽي کي عوامي تحريڪون منظم ڪرڻيون پونديون ۽ عدالتن کي پنهنجي ذميواري نڀائڻ گهرجي. وسيلن تي اجاراداري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه هئڻ گهرجي. پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ سنڌ جو تاريخي حق آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ هر سطح تي جدوجهد ڪرڻ لازمي آهي.

سفيدپوش طبقي جي حالتِ زار!

اعجاز ممنائي

دنيا جي مختلف ملڪن ۾، جڏهن ماڻهو جدوجهد جي حالت ۾ روڊن تي نڪرندا آهن، ته طاقتور ايوان به ڏڏي ويندا آهن. طاقتور حڪمران، وڏيون سيڪيورٽيون ۽ هٿياربند فوجون ماڻهن جي شديد احتجاج کي روڪي نه ٿيون سگهيون. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن مظلوم ماڻهو متحد ٿين ٿا ۽ پنهنجن بنيادي مسئلن لاءِ آواز اٿارين ٿا، ته وڏا وڏا حڪمران ۽ مضبوط ترين حڪومتون به ٽٽي پون ٿيون. بنگلاديش ڪانپوءِ هاڻي نيپال جو مثال اسانجي سامهون آهن. بنگلاديشي وزيراعظم حسينه واجد، جيڪا ڪيترن سالن ڪان اقتدار ۾ هئي، عوامي غصي جو شڪار ٿي وئي. عوامي تحريڪ ايتري تيز ٿي وئي جو آخرڪار کيس نه رڳو اقتدار پر ملڪ به ڇڏي ڀڄڻو پيو. ٻئي طرف، نيپال ۾ به صورتحال اهڙي موڙ تي پهچي وئي جو وزيراعظم کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هيلي ڪاپٽر ۾ ملڪ مان ڀڄڻو پيو. ڪاوڙيل ماڻهن وزيراعظم هائوس ۽ پارليامينٽ کي به باهه ڏئي ڇڏي. دنيا اهي سڀ منظر ڏٺا ۽ سبق سکيو ته جڏهن ماڻهو متحد ٿي، زيادتي، ڪرپشن، مهانگائي، بيروزگاري ۽ ناانصافي جي خلاف اٿي بيهن ٿا، ته ڪا به طاقت انهن جو رستو روڪي نٿي سگهي. جيڪڏهن اسان پاڪستان جي صورتحال جو جائزو وٺون ته اها سچائي سامهون اچي ٿي ته هتي به ماڻهو ڪيترن سالن کان مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ هوندي وڌندڙ قيمتن، خراب صحت، ناڪاره تعليمي نظام ۽ حڪمرانن جي ڪرپشن جو شڪار آهن. حالت اها آهي ته هڪ عام ماڻهو لاءِ گذر سفر ڪرڻ نهايت ئي مشڪل ٿيندو پيو وڃي. بجلي جا بل، گئس جون قيمتون، ڪير، چانور، ڀاڄيون، گوشت ۽ ٻيون ضروري شيون ان سطح تي پهچي ويون آهن جو سفيد پوش طبقي کي چيپاٽيو پيو وڃي. اڄ پاڪستان ۾ هڪ مزدور، هڪ استاد، هڪ سرڪاري ملازم، هڪ رٽائرڊ پينشنر، سڀ هڪ ئي سوال پڇي رهيا آهن ته هي زندگي ڪيئن گذارجي؟ ان جي گهر جا خرچ. مٿن مائٽن ۽ دوستن سان اٿڻ ويهڻ جا ايترا خرچ ٿي ويا آهن جو هن لاءِ اڪيلي سر گهر ۾ گاڏو هلائڻ مشڪل ٿي ويو آهي. جن علائقن ۾ گئس آهي اڪ چنب ۾ گذرندڙ مهيني ڪانپوءِ جڏهن بل ايندو آهي ته ان جا هوش اُڏامي ويندا آهن. ڪير، کنڊ، ڀاڄيون، گوشت ۽ داليون، سندس وس ڪان ٻاهر آهن اولاد جا تعليمي اخراجات آسمان کي ڇهي رهيا آهن. حڪومت سرڪاري اسڪولن کي روز نئين پاليسيءَ هيٺ آڻي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙي رهي آهي جڏهن ته خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن جون فيسون عام ماڻهو جي پهچ ڪان ٻاهر ٿينديون پيون وڃن. اسپتالن ۾ علاج جون بنيادي سهولتون موجود نه آهن. غريب لاءِ دوائون غائب آهن. جنهن ڪري هو پيناڊول گوري به خانگي اسٽورتان وٺڻ تي مجبور آهي ڊاڪٽرن جون فيسون ۽ دوائن جون قيمتون ايترين وڌي ويون آهن جو مريض جي جان بچائڻ بدران ڪيسا خالي ٿي وڃن ٿا پر بيماريءَ تي ٽڪي جو فرق به نه ٿو پوي. اهڙي ڏکئي وقت ۾، عوام اميد رکي ٿو ته حڪمران بي غرضي جو مظاهرو ڪندا، پنهنجا خرچ گهٽائيندا ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ عملي قدم کڻندا. پر بدقسمتي سان، پاڪستان ۾ صورتحال بلڪل ان جي ابتڙ آهي. عام ماڻهن جي گهرن جي بجيٽ وڌندي رهي ٿي، پر وزيرن ۽ صلاحڪارن جون پگهارون 200 سيڪڙو وڌايون وڃن ٿيون ننڍو ملازم طبقو هر شيءِ تي ٽئڪس ڀري ٿو پر ايوانن ۾ ويٺل وزير عياشيون ڪري بنا ٽئڪس جي گهمندو رهي ٿو. سرڪاري گاڏين جا قافلا وڌندا رهن ٿا غير ضروري پرڏيهي دورا ڪري سرڪاري خزاني جي لٽ مار ڪئي وڃي ٿي ۽ عوام کي چيو ٿو وڃي ته صبر ڪريو، هي ڏکيو وقت آهي جلد گذري ويندو.

هي اهڙو رويو آهي جيڪو ماڻهن کي حڪومت ڪان وڌيڪ ناراض ۽ مايوس ڪندو جيڪڏهن اهو رويو رهي ته ملڪ اندر بغاوت پيدا ٿي وينديپ. جڏهن حڪمران پنهنجي زندگي عياشين ۾ گذاريندا ۽ ماڻهن کي قرباني ڏيڻ جو سبق سيکاريندا آهن. ته اهڙا ٻٽا معيار ماڻهن جي دلين ۾ ملڪ جي حڪمرانن لاءِ نفرت پيدا ڪندا آهن. چو ته برداشت جي هڪ حد آهي جيڪڏهن اها پار ڪئي وئي ته ماڻهو پنهنجي جان مان بيزار ٿي ويندا آهن. اسان کي عرب دنيا ۾ "عرب بهار" جي واقعن مان به ساڳيو سبق ملي ٿو. جتي تيونس ڪان مصر ۽ لبيا تائين، عوامي تحريڪن آمر حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪيو جيڪي ڏهاڪن ڪان اقتدار تي قابض هئا. پاڪستان جي ماڻهن ماضيءَ ۾ وڏن آمر حڪمرانن خلاف تحريڪون به شروع ڪيون آهن. ايوب خان جي دور ۾، شاگردن ۽ عوامي احتجاجن سڄي نظام کي لوڏي ڇڏيو هو. جنرل ضياءُ الحق جي 11 سالن جي سخت مارشل لا خلاف به ماڻهن بي خوف ٿي مهاڏو اٽڪايو ۽ ائين جنرل پرويز مشرف خلاف عوامي دٻاءَ به آخرڪار فيصلا ڪن ثابت ٿيو ان جو مطلب آهي ته پاڪستان جي ماڻهن وٽ به طاقت آهي ته جيڪڏهن اهي چاهين ته تبديلي آڻي سگهن ٿا.

اڄ پاڪستان جو هر شهري پنهنجن پنهنجن مسئلن جي بار ۾ دٻيل آهي. هڪ طرف بيروزگاري ۽ مهانگائي آهي، ته ٻئي طرف ننڍا ڪاروبار ڪندڙ پريشان آهن. هاري پريشان آهن ته پاڻ، ٻج ۽ پاڻ سستو نه ٿيندو ته اهي فصل ڪيئن ڪاهيندا زمينون بنجر ٿينديون پيون وڃن. مزدور طبقو پنهنجي روزاني خرچ پورو ڪرڻ جي قابل ناهي. اها صورتحال ڏينهون ڏينهن نهايت گنڀير ٿيندي پئي وڃي ۽ ان سبب ماڻهن جي دلين ۾ حڪمرانن خلاف ڪاوڙ ۽ نفرت مسلسل وڌي رهي آهي. سوال اهو آهي ته وسيلن سان مالامال ملڪ هوندي اسان پريشان چو آهيون حڪمران عوام جي ڀلائيءَ جا پروگرام چو نه ٿا مرتب ڏين بهترين حڪمران اهو آهي ته عوام جي خوشحاليءَ لاءِ حڪمت عملي ناهي پر هتي ڪم ابتڙ آهي هڪ وزير اقتدار ۾ پهچندي ئي هڪ گاڏيءَ مان پنج گاڏيون نوان بنگلا نيون زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪري ٿو جڏهن ته عوامي ڀلائي جو ڪو پروگرام نظر نه ٿو اچي ان صورتحال ۾ هڪ سفيد پوش ماڻهو ئي مار کائي ٿو جيڪڏهن اها روش رهي ته ملڪ تباهيءَ طرف پهچي ويندو انڪري پاڪستان جي مسئلن جو حل ڪنهن شارٽ ڪٽ پوگرام ۾ نه پر هڪ جامع پاليسي ۽ عملي قدمن ۾ آهي. سڀ کان پهرين، اهو ضروري آهي ته حڪمران پنهنجي زندگي کي سادو بڻائين ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قربانيون ڏين. بجلي ۽ گئس جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي. غير ضروري ٽيڪس ختم ڪيا وڃن، ۽ بنيادي ضرورتن تي سبسڊي ڏني وڃي. ٻيو اهم نقطو ڪرپشن کي ختم ڪرڻ آهي. جيستائين وسيلن جو زيان ٿيندو ۽ دولت صرف اشرافيه جي کيسي ۾ ويندي رهندي، تيستائين عام ماڻهو جي زندگي بهتر نه ٿي سگهي. اسان جو سڀ ڪان وڏو مسئلو قرض آهي. جيڪو اسان جا حڪمران پنهنجي عياشين لاءِ وٺي رهيا آهن اهي مسئلن کي وڌائي رهيا آهن. شفاف احتساب ۽ ميرٽ سسٽم قائم ڪرڻ وقت جي سڀ ڪان وڏي ضرورت آهي. ٽيون قدم تعليم ۽ صحت تي ڌيان ڏيڻ آهي. جيڪڏهن ماڻهن کي مفت يا سستي تعليم ۽ علاج فراهم ڪيو وڃي ته پوءِ زندگي ۾ انهن جا اڌ مسئلا پاڻمرادو گهٽجي ويندا. ساڳئي طرح، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ پڻ ضروري آهن ته جيئن نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي مثبت رخ ۾ استعمال ڪري سگهن. عالمي واقعا پاڪستاني حڪومت لاءِ آئينو آهن. جيڪڏهن حڪمران وقت تي عوام جا مسئلا حل نه ڪندا، مهانگائي گهٽ نه ڪندا ۽ انصاف فراهم نه ڪندا ته پوءِ اهي ئي ماڻهو هڪ ڏينهن حڪمرانن جي گهرن کي باهيون ڏيئي ساڙي ڇڏيندا. عوام جو صبر ختم ٿي چڪو آهي. وقت جي ضرورت آهي ته حڪمران پنهنجا طريقا بدلائين ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻن. جيڪي حڪمران عوام جي اميدن تي پورا نه لهندا آهن. انهن لاءِ اقتدار جا محل به جيل بڻجي ويندا آهن انڪري حڪمرانن کي اڄ عوام جي ڀلي لاءِ سوچڻ گهرجي ته جيئن سندن سياٿو محفوظ بڻجي سگهي.

پنهنجي پاران... سيٺ سويراج چيتومل هندوجا

حسيب ناياب منگي

هونئن ته شڪارپور ۾ نيڪيءَ ۽ خير جا ڪم ڪرڻ وارا ڪي گهٽ ڪونهن گذريا، پر سيٺ سويراج چيتومل هندوجا جو نالو خلق جي خدمت جي ڪيتر ۾ نه صرف شڪارپور ۾ پر سکر، ڪراچيءَ ۽ ڪوئيٽه تائين مشهور هو. هي صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ انسانذات جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ جيترو ڪم ڪري ويو سو ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. هن جي ترجيحن ۾ شهر جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ توڙي مسڪين ماڻهن جي ٻُڪ جي خاتمي سان گڏ انهن جي تعليم ۽ صحت تي ڌيان ڏيڻ به هو. شڪارپور جي ساڌن ۽ سَنتن جي صحبت ۾ وقت گذارڻ ڪري هو ڌرمي خيالن جو مالڪ به هو. مندرن ۾ وڃي نه رڳو پاڻ پُوڄا ڪندو هو پر اتي موجود ماڻهن جا مسئلا ٻُڌي، انهن کي حل ڪرڻ لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو هو. کيس گهڻو چاهه هو ته سندس هٿن مان جيترا خيرَ جا ڪم ٿي سگهن، هو ڪندو رهي. اهوئي سبب آهي جو پريشان حال ماڻهو ٻي وس ۽ لاچار توڙي معذور شخص ونس اچي پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪري ويندا هئا.

شڪارپور جا ماڻهو ساڻس ڏاڍو پيار ڪندا هئا. هو به هر وقت مسڪين ماڻهن جو خيال رکندو هو. هندوستان جي مختلف شهرن مان سياري جي مند ۾ پائڻ لاءِ گرم ڪپڙا يا اونهاري ۾ موسم جي حساب سان هلڪا لٽا گهرائي غريبن ۾ مفت ورهائيندو هو. جيڪي ماڻهو صاحب حيثيت نه هوندا هئا، ونس اچي ويهندا هئا. سيٺ به درياهه دل هوندو هو. سو هٿ ۾ لڪائي ايئن ضرورتمندن جي پورت ڪندو هو جو ماڻهو کيس دعائون ڏيندا خوش ٿي واپس گهر ويندا هئا. شڪارپور جي پاڙي پاڙي ۾ وڃي صفائيءَ جي پاڻ چڪاس ڪندو هو جيڪڏهن شهر جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ صفائيءَ بابت ڪا شڪايت هوندي هئي ته سيٺ سويراج ڪان ڪٿي پُڇندو هو جو ماٺ ڪري ويهي رهي! شڪارپور ميونسپل آفيس پهچندو هو انتظاميه سان ڳالهائيندو هو ۽ تيستائين صبر سان نه ويهندو هو جيستائين صفائيءَ جو انتظام نه ٿئي! شهر جي واپارين، وڪيلن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن، استادن ۽ سيٺين سان سندس تمام گهڻي نيازمندي هوندي هئي. شهر جا ماڻهو به سيٺ جو احترام ڪندا هئا. هندو هُجن يا مسلمانَ، جڏهن بنا ڪنهن فرق جي شڪارپور جي ترقيءَ لاءِ رٿائون جوڙيون وينديون هيون، ته اهڙن املهه ماڻڪن جي هٿ ۾ رهندي شڪارپور جو اوڄ به ڪو بيو هو! پر افسوس جو پوءِ شهر جو سمورو نظام اهڙيءَ ريت تبديل ٿي ابتريءَ جو شڪار ٿي ويو جڻ هن شهر جو ڪو ڌڻي سائين ڪڏهن هُئوئي ڪونه!

سيٺ سويراج، نيڪوڪار ۽ خوش اخلاق انسان ڪاڪي چيتومل هندوجا جو پُٽ هو ۽ شڪارپور ۾ 18 سيپٽمبر 1879ع تي پيدا ٿيو. پاڻ ڪچي وهيءَ ڪان ئي ڏاڍو هوشيار هو. سورهن ورهين جو ٿيو ته ڪمائڻ لاءِ ڪراچيءَ ڏانهن نڪري پيو. پنهنجي اعليٰ لياقتن سبب هو جلد ئي ڪنهن فارم ۾ 'بروڪر' ٿيو. اتان جيڪو ڪجهه به ڪمائيندو هو پنهنجو ڪاڌي پيتي جو خرچ ڪڍي باقي رقم غريبن ۾ ورهائڻ لاءِ شڪارپور پنهنجي پيتا ڏانهن موڪلي ڏيندو هو. ڪاڪو چيتو مل به جڏهن جڏهن هٿ جو خير ڪيندو هو ته شڪارپور سميت ڪراچيءَ جي مندرن ۽ اسڪولن جي ڪم ڪار لاءِ پٽ ڏانهن رقم موڪليندو هو. اهو چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي ته هنن سيٺين جي نڪتل خيرَ مان ان دؤر جا ڪراچيءَ جا مندر ۽ اسڪول سُڌريا. ڪراچيءَ سان گڏوگڏ سيٺ سويراجَ، سکر ۽ شڪارپور جي باغن ۾ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ پنهنجي خرچ تي بڻنجون ٺهرائي رکرائي ڏاڍو سرهو ٿيو هو. ان وقت اهڙي خدمت تي ماڻهن جُون کيس دل سان دعائون مليون هيون. ٽن ڏينهن ۾ سيٺ سويراج چيتومل هندوجا، ڪوئيٽا ۾ نه صرف مندرن جي تعمير لاءِ دل کولي دان ڏنو پر اتي اسڪول ٺهرائڻ لاءِ به هزارين روپيه خرچ ڪيا هيا. 'سناتن ڌرم سڀا اسڪول' ڪوئيٽا کي تيار ڪرائڻ لاءِ تنهن زماني ۾ 50 هزار روپيه خرچ ڪري خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو.

سيٺ سويراج، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو 1917ع ڪان 1928ع تائين ميمبر به رهيو. هن جي ڏنل پئسن مان ئي ڪراچيءَ ۾ اردو بازار پنيان 'برنس روڊ' جي آسپاس سندس نالي پنيان ميٽرنٽي هوم (ويمُ گهر) تعمير ٿيو جيڪو اڄ به ماڻهن جي شيوا ۾ مصروف آهي. سويراجَ، هي ويمُ گهرُ پنهنجي پتني ڪشن ديويءَ جي مانَ ۾ ٺهرايو جيڪو بنيادي طور زناني طبي فلاح مرڪز (وومينس ويلفيئر هيلٿ يونٽ) طور قائم ٿيو هو "ڪراچي- سنڌ جي مارئي" ڪتاب ۾ محترم گل حسن ڪلمتي ڄاڻائي ٿو ته: "هن ميٽرنٽي هوم جو افتتاح 21 جولاءِ 1928ع تي ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ٿامس ڪيو هو".

اسانجي شهر شڪارپور جي مشهور سيٺ سويراج چيتومل هندوجا جي ڏنل رقم مان سکر ۾ به معصوم شاهه جي مناري جي سامهون زناني ميونسپل اسپتال لڳ هڪ ويمُ گهر تعمير ٿيو جنهنجو نالو "ليڊي گراهم ويمُ گهر" رکيو ويو. سنڌ جو نالي وارو ليکڪ رحيم داد خان "مولائي شيدائي" پنهنجي ڪتاب "تاريخ سکر" ۾ ان ويمُ گهر جي تعمير جو سال 1930ع لکي ٿو. اهڙيءَ ريت شڪارپور ۾ به هن نه صرف مندرن ۾ بجليءَ جي فٽنگ ڪرائي، پر اسڪولن جي اڌاوت تي به پئسا خرچ ڪيا. ڪو پروگرام هجي يا ڪنهن جماعت يا انجمن کي مالي سهڪار جي ضرورت هجي، سيٺ ڪڏهن به پئسا ڏيڻ ڪان پنهنجو هٿ نه روڪيندو هو.

سويراج سيٺ، ڪوئيٽا، شڪارپور، سکر ۽ ڪراچيءَ جي اڻ ڳڻين فلاحي ۽ سماج سڌارڪ تنظيمن جو صدر ٿي رهيو. شڪارپور سميت سکر ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي شهرين جا ننڍين وڏين ڳالهين تان ڪنهن به قسم جا اٽڪاءَ يا تڪرار ٿيندا هئا ته انهن جا فيصلا ۽ ناهه ڪرائڻ جو ذمو به سيٺ سويراج چيتومل مٿان هوندو هو.

سيٺ سويراج چيتومل هندوجا جو 20 نومبر 1928ع تي شڪارپور ۾ ديهانت ٿيو هندوستان جي مختلف شهرن سميت سنڌ جا نالي وارا سياستدانَ، سماجي اڳواڻ ۽ واپاري، شڪارپور آيا ۽ سيٺ جي آگهر سان سندس لاڏائي جي ڏک ۾ شريڪ ٿيا. سيٺ سويراج جي پهرين ورسيءَ تي، 21 نومبر 1929ع تي ڪراچيءَ ۾ سندس نالي پٺيان "سويراج چيتومل سنڌ اسڪائوٽس هيڊڪوارٽر" جو افتتاح بمبئيءَ جي تڏهوڪي صوبائي اسڪائوٽ چيف 'سر فريڊرڪ سائڪس' ڪيو. اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ ۾ ئي 1932ع ۾ سيٺ سويراج چيتومل جو سنگ مرمر جو مُجسمو تيار ٿيو جنهن جو افتتاح ڪراچيءَ جي پهرين ميئر، جمشيد نسروانجي مهتا ڪيو هو.

وقت گذري ويو ماڻهن ڪان پنهنجا محسن وسري ويا ورهاڱي ڪانپوءِ سيٺ سويراج جا گهر ڀاتي شڪارپور توڙي ڪراچيءَ وارا گهر ڇڏي ڀارت هليا ويا. افسوس اهو آهي ته سيٺ سويراج چيتومل هندوجا جهڙا الائجي ڪيترا ڪردار هوندا. جن کي اڄ تائين ڪڏهن به ياد ناهي ڪيو ويو. اڄ اسان سنڌ ڌرتيءَ جي هِن نيڪ انسان ۽ سماجي خدمتگار کي سندس 146 هين جنم ڏهاڙي تي ياد ڪري سرهائي محسوس ڪريون ٿا.

بقايا 01 *++*++

موجب اها ڳالهه صدر آصف علي زرداري ارومچي ۾ سنڪيانگ ايغور خودمختيار علائقي جي ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري چن شيائو جيانگ سان ملاقات دوران چئي. ان موقعي تي سنڪيانگ ايغور خودمختيار علائقي جي گورنر ارڪن ٽونياز پڻ موجود هو. ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري چن شيائو جيانگ صدر جو شاندار استقبال ڪيو ۽ صدر آصف علي زرداري جي 2011ع ۾ هڪ نمائش (ايڪسپو) ۾ شرڪت جي لاءِ ارومچي دوري جو ذڪر ڪيو. هن صدر جي هن سال فيبروري ۾ بيجنگ جي دوري جو پڻ ذڪر ڪيو جتي صدر ۽ هن جي چن پنگ سان ملاقات ڪئي ۽ مختلف شعبن ۾ معاهدن ۽ مفاهمت جي ياداشتن (ايم او يوز) تي صحيحن واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. هن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي چين جي تازي دوري تي پڻ روشني وڌي جيڪو شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي اجلاس ۽ چيني انقلاب جي فتح جي 80هين سالگرهه ۾ شرڪت جي لاءِ ڪيو ويو جنهن دوران صنعت، زراعت، کاڻين جي کوٽائي ۽ ٻين شعبن ۾ اربين ڊالر جي معاهدن سان گڏ سي پيڪ جي ٻئي مرحلي جي شروعات جي رفتار کي تيز ڪيو ويو. پارٽي سيڪريٽري ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڪيانگ هاڻي خوشحالي، معاشرتي استحڪام ۽ پائيدار امن جو مرڪز بڻجي چڪو آهي. جنهن جو جي ڊي پي 5.6 ڪرب يوان ڪان وڌي ويو آهي. هن چيو ته هي خطو انتهاپسندي ۽ دهشتگردي جي پاڙن کي نشانو بڻائيندي زراعت ۽ چوپايو مال پالڻ جي شعبن ۾ ترقي ڪري رهيو آهي.

بقايا 02 *++*++

وزيراعظم ۽ سعودي قيادت جي بصيرت ۽ اهم فيصلن تي فخر ڪري ٿي پاڪستان ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا رڳو دفاعي نه پر ايمان اخوت ۽ امن جي بنياد تي قائم آهي ۽ هي رشتو شڪست جوڳو ناهي وفاقي وزير چيو ته هي معاهدو نه رڳو پاڪستان جي دفاع کي مضبوط ڪندو پر مسلم ملڪن جي اتحاد ۽ خطي ۾ جتادار امن لاءِ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو.

بقايا 03 *++*++

تجربا مڪمل ڪيا آهن ۽ اهو سسٽم هلندڙ سال جي آخر تائين فوجي استعمال لاءِ تيار ٿي ويندو اهو ليزر سسٽم اسرائيلي ڪمپنين ايلبٽ سسٽمز ۽ رافيل ايڊوانس ڊفينس سسٽمز جي ڀائيواري سان تيار ڪيو ويو آهي ۽ اهو اسرائيل جي موجوده ميزائل توڙ نظامن جهڙوڪ آئرن ڊوم، ڊيوڊز سلنگ ۽ ايرو سان گڏجي ڪم ڪندو پرڏيهي ميڊيا موجب موجوده راڪيٽ توڙ انٽرسيپٽرز جي لاڳت گهٽ ڪان گهٽ 50 هزار ڊالر آهي، جڏهن ته ليزر ٽيڪنالاجي جي لاڳت تقريبن ٻڙي آهي، اهو سسٽم بنيادي طور تي ننڍن راڪيٽن ۽ ڊرونز کي هدف بڻائي ٿو اسرائيل جي بچاءَ واري وزارت موجب آئرن بيم جي ڪارڪردگي ثابت ٿيڻ ڪانپوءِ اميد ڪيون ٿا ته اسرائيل جي فضائي دفاعي صلاحيتن ۾ وڏي واڌ ٿيندي، خاص طور ڏگهي فاصلي جي ليزر هٿيارن جي استعمال سان. بچاءَ واري وزارت چيو ته ڪيترن ئي ورهين جي تياري ڪانپوءِ اهو نظام ڏکڻ اسرائيل ۾ ڪيترن ئي هفتن تائين ٽيسٽ ڪيو ويو، جنهن ۾ راڪيٽ، مارٽر گولن، جهازن ۽ ڊرونز کي مختلف جنگي منظرنامن ۾ ڪاميابي سان روڪڻ جي صلاحيت جو مظاهرو ڪيو ويو، شروعاتي سسٽمز کي هلندڙ سال جي آخر تائين فضائي دفاعي يونٽس ۾ شامل ڪيو ويندو واضح رهي ته ان کان اڳ چين به پنهنجي فوجي پريڊ دوران ليزر هٿيارن تي ٻڌل فضائي دفاعي نظام جي نمائش ڪئي هئي.

بقايا 04 *++*++

ڀرتي ٿيندڙ صوبائي ملازمن جي لاءِ سنڌ ڊيفائنڊ ڪنٽري بيوٽري پينشن اسڪيم جي منظوري ڏني هئي. جنهن جي تحت سرڪاري ملازمن کي پينشن ۽ گريجوئٽي جي جڳهه ڪنٽري بيوشن پينشن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو اسڪيم جي تحت هر سرڪاري ملازم کي 10 سيڪڙو بنيادي پگهار جو هر مهيني جمع ڪرائڻو هو جڏهن ته حڪومت انهي ملازم جي بنيادي پگهار جو 12 سيڪڙو جمع ڪرائڻي هئي. ڪابينه مان منظوري ڪان پوءِ پهرين نومبر تي انهي جو باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو هو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سيپٽمبر ۾ ڪابينه ايس ڊي سي پي ايس 2024 جي لاءِ سنڌ سول سروِنٽ ايڪٽ 1973 ۾ نئين شق داخل ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي. گڏيل ترميم موجب سنڌ سول سروِنٽ (ترميمي) ايڪٽ 2024 جي شروعات تي يا انهي کان پوءِ سرڪاري ملازم جي طور تي مقرري يا ريگولرائيز ٿيندڙ ماڻهو کي پينشن ۽ گريجوئٽي کان علاوه سرڪاري ملازم تصور ڪيو ويندو پر هاڻ هڪ سال کان پوءِ 17 سيپٽمبر تي سيڪريٽري فنانس طرفان جاري ڪيل آفيس ميمورينڊم موجب پهرين نومبر 2024 تي انهي سلسلي ۾ جاري آفيس ميمورينڊم واپس ورتو ويو آهي، اهڙي طرح هاڻ اها اسڪيم ختم ڪئي وئي آهي.

بقايا 05 *++*++

ميٽروپينڪو سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ کيس عالمي اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب وقتي صدر روس ۽ پاڪستان جي پارلياماني لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ روسي اسپيڪر جي قيادت کي ساراهيو هن چيو ته آءِ ايس سي جو مقصد پارلياماني سفارتڪاري کي فروغ ڏيڻ ۽ امن، هم آهنگي ۽ خوشحالي کي وڌائڻ آهي. سندس چوڻ هو ته روس جي شرڪت ڪانفرنس کي وڌيڪ بامعنيٰ بڻائيندي ۽ عالمي امن ۽ پائيدار ترقي جي گڏيل هدفن کي اڳتي وڌائيندي. روسي اسپيڪر يقين ڏيارو ته ڪانفرنس ۾ روس جي اعليٰ سطح جي نمائندگي هوندي.

بقايا 06 *++*++

سرڪار کي سعودي عرب ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ان اڳڀرائي بابت ڄاڻ هئي، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دفاعي معاهدي جي صحيحن جون رپورٽون ڏٺيون آهن. رنڌير جئسوال چيو ته حڪومت پنهنجي قومي سلامتي سان گڏوگڏ خطي ۽ عالمي استحڪام تي ان معاهدي جي اثرن جو جائزو وٺندي ۽ ڀارت پنهنجي قومي سلامتي ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ 'اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدي' (ايس ايم ڊي اي) تي صحيحون ڪيون هيون. ان معاهدي جي شقن تحت هڪ ملڪ خلاف اڳرائي ٻنهي خلاف حملو تصور ڪئي ويندي. معاهدو ٻنهي ملڪن جي سلامتي ۽ دنيا ۾ امن لاءِ گڏيل عزم کي اجاگر ڪري ٿو.

بقايا 07 *++*++

حڪم جاري ڪيا وڏي وزير چيو ته مان نومبر ۾ ذاتي طور پل جي سائيٽ جو دورو ڪندس ۽ وزير کي هدايت ڪئي ته منصوبي جي اڳڀرائي جو لڳاتار جائزو وٺندو رهي جيئن هي منصوبو اڍائي ورهين جي اندر مڪمل ٿي سگهي. اجلاس خميس ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار، حاجي علي حسن زرداري، وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد، چف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته گهوٽڪي_ڪنڊڪوٽ پل درياءَ سنڌ تي سڀ کان ڊگهو پل هوندو جنهن جي ڊيگهه 12.15 ڪلوميٽر هوندي جڏهن ته گهوٽڪي طرف 10.40 ڪلوميٽر ۽ ڪنڊڪوٽ طرف 8.10 ڪلوميٽر ڊگها اپروچ روڊ تعمير ٿي رهيا آهن منصوبي ۾ 4.548 ڪلوميٽر ڊگهو ٿل لنڪ روڊ به شامل آهي ورڪس کاتي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته گهوٽڪي ۽ ڪنڊڪوٽ جا اپروچ روڊ ۽ ٿل لنڪ روڊ مڪمل ٿي ويا آهن اهڙي طرح جري واهه، گهوٽا فيڊر ڪينال ۽ ٽبي مائنر تي پل به تعمير ٿي ويا آهن پل جا 38 پائپ ڪلورٽ مڪمل ٿي ويا آهن جڏهن ته 732 مان 379 پائلزجو ڪم به مڪمل ٿي ويو آهي پر درياءَ ۾ سخت ٻوڏ جي ريلن سبب تعميراتي سرگرميون معطل آهن وڏي وزير ورڪس کاتي کي هدايت ڪئي ته نومبر ۾ ٻوڏ جي پاڻي لهڻ ڪان پوءِ تعميراتي ڪم بيهر مڪمل پيماني تي شروع ڪيو وڃي هن گهرو وزير کي به هدايت ڪئي ته نومبر ڪان پل واري سائيٽ تي سخت سيڪيورٽي يقيني بڻائي وڃي سيد مراد علي شاهه چيو ته هي پل رڳو هڪ انجنيئرنگ جو ڪارنامو نه پر پاڪستان جي معيشت، علائقائي رابطن ۽ عوامي سهولتن لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته هي پل سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان کي ڳنڍيندڙ اهم رابطو فراهم ڪندو هي منصوبو ورڪس کاتي جي ماتحت جاري آهي ۽ اميد آهي ته علائقي ۾ واپار، ٽرانسپورٽ ۽ سماجي_اقتصادي سرگرمين ۾ نئون انقلاب آڻيندو.

بقايا 08 *++*++

۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي وڏن سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي، اهي به ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام BISP مان ٻوڏ متاثرن جي مدد نه ٿي ڪري سگهجي، نه ٿي ڪرڻ گهرجي. پيپلز پارٽي کي صاف جواب ڏنو ويو آهي.

بقايا 09 *++*++

. عمران خان طرفان لکيل خط عليما خان سپريم ڪورٽ جي آر اينڊ آءِ برانچ ۾ جمع ڪرايو جنهن ۾ عمران خان چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ڪان رڳو 31 ڪلو ميٽر پري آهيان پر منهنجي لاءِ ۽ گهرواري لاءِ انصاف جا در بند ڪيا ويا آهن. عمران خان خط ۾ چيو ته 772 ڏينهن کان اڪيلائي ۾ قيد آهيان، منهنجو ڪمرو پڃرو بڻايو ويو آهي، 300 کان وڌيڪ سياسي ڪيس قائم ڪيا ويا آهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙو مثال نٿو ملي. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته بشريٰ بي بي جي صحت بگڙي رهي آهي پر ڊاڪٽر کي معائني جي اجازت نٿي ڏني وڃي. خط جي آخر ۾ عمران خان لکيو ته اڄ پاڪستان هڪ فيصلاڪن موڙ تي بيٺو آهي، رڳو آئين ۽ ڏنل انصاف، وقار ۽ برابري جو طلبگار آهيان. چيف جسٽس پنهنجي حلف جي پاسداري ڪري ۽ عوام کي خاطري ڪرائي ته سپريم ڪورٽ ئي انصاف جي آخري پناهه گاهه آهي.

بقايا 10 *++*++

سيٽن ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي 3 سيٽن تي ٿيندڙ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ اميدوارن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿي جي سينيٽ ۾ 85 سيڪڙو ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۾ 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽن سان چونڊجي ايندڙ اميدوارن هڪ شاندار ۽ تاريخي ڪاميابي ماڻي آهي. جيڪا انهي ڳالهه جو ثبوت آهي ته استاد برادري اداري جي ترقي ۽ وقار لاءِ متحد، پرعزم ۽ پر اعتماد آهي سينيٽ جا چونڊيل ميمبر هي آهن محترم قرت العين نظير احمد، محترم سيد وجيهه نعيم، جناب محمد نعيم احمد، جناب سيد عظيم انعام، جناب شاهه عبيد، ڊاڪٽر عمير رئيس، جناب هيتش ڪمار، جناب مظفرعلي شاهه، جناب امين خواجه، ۽ جناب آصف محمود اعوان اڪيڊمڪ ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر هي آهن جناب وفا منصور برڙو، محترم قرت العين نظير احمد، ۽ جناب باسط حسن قريشي سسپوٽا قيادت بيهر واضح ڪيو آهي ته هي قانوني ادارا استادن جي آواز کي اداري جي پاليسي سازي تائين پهچائڻ لاءِ اهم پليٽفارم آهن نئين چونڊيل ميمبرن تي ذميواري آهي ته هو ايمانداري، بصيرت ۽ جوابدهي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ هميشه "ادارو سڀ کان اڳ" جي اصول تي قائم رهن سسپوٽا نئين چونڊيل ميمبرن کي سندن منڊيٽ لاءِ نيڪ تمنائون پيش ڪري ٿي ۽ اميد ڪري ٿي ته هو سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي جي روشن مستقبل لاءِ تعميري ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 11 *++*++

سوهو جي مقرري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت پڇاڻو ڪيو ته غلام حسين سوهو کي ڪيستائين وفاقي حڪومت ڪڏهن رليو ڪيو ۽ هو ڪيستائين فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن مان پگهار ۽ مراعتون حاصل ڪندو رهيو؟ ان حوالي سان شفاف رڪارڊ پيش ڪيو وڃي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته غلام حسين سوهو 19هين گريڊ جو آفيسر هو ۽ کيس ٽن سالن جي مدي لاءِ ميٽرڪ بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، هن فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن مان رٽائرمينٽ جي درخواست ڏني پر رٽائرمينٽ جي منظوري جو انتظار ڪرڻ بنا فوري طور تي نئون عهدو سنڀالي ورتو. وڪيل چيو ته اسٽيبلشمينٽ ڊويزن غلام حسين سوهو کي رليو آرڊر اڃا تائين جاري ناهي ڪيو، ان باوجود ميٽرڪ بورڊ چيئرمين هڪ ئي وقت ۾ ٻن ادارن مان پگهارون وصول ڪيون. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته ميٽرڪ بورڊ چيئرمين جي مقرري غير قانوني آهي. شفاف انڪوائري جو حڪم ڏنو وڃي ۽ مقرري جو نوٽيفڪيشن درخواست تي فيصلو ٿيڻ تائين معطل ڪيو وڃي.

بقايا 12 *++*++

اڳواڻ نور نبي پليجي پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته سنڌو درياهه تي ڌاڙن، ڌاڙيل راڄ، منشيات جي واپار ۽ حڪمرانن جي ڪرپشن سنڌ کي گهڻ طرفي گهيري هيٺ آندو آهي. 26هين ترميم، پيڪا ايڪٽ، اينٽي ٽيررزم ايڪٽ ترميمي بل ۽ ٻيا ڪارا قانون پاس ڪري عدليا ۽ ميڊيا کي قيد ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي وري 27هين آئيني ترميم آڻي ايوبي آمريت ڪان وڌيڪ خطرناڪ ون يونٽ مڙهڻ جي سازش رٿي وئي آهي. حڪمران ۽ اسٽيبلشمينٽ 27هين آئيني ترميم ذريعي نوان صوبا ناهي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا آهن ڪالاباغ ڊيم سميت مختلف ڊيمن، ڪئنالن ذريعي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن. اڳواڻن چيو ته 27هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي سنڌ جي زمينن ۽ سنڌو درياهه تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌيائي تحريڪ طرفان ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي جنهن جي پهرئين مرحلي ۾ 24 سيپٽمبر تي حيدرآباد ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي.

بقايا 13 *++*++

هن ٻوڏ جي هاڻوڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌو درياهه ۽ بچاءَ بندن جائزو ورتو ان موقعي تي سيڪريٽري آبپاشي ظريف اقبال کهڙو، چيف انجنيئر ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به موجود هئا. صوبائي وزير جام خان شورو جامشورو فرنٽ بند جو جديد ٽري ڊي ميپنگ ۽ جديد سسٽم ذريعي جائزو ورتو ته جيئن بند جي جوڙجڪ ۽ پاڻي جي وهڪري بابت گڏيل ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي. چيف انجنيئر سنڌ درياءَ تي ڪوٽڙي بيراج تي ممڪن سيلابي حالتن بابت وزير کي تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو 19 ۽ 20 سيپٽمبر دوران ڪوٽڙي بيراج تي 4 کان ساڍا 4 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته في الحال پاڻي جو وهڪرو لڳ ڀڳ 3 لک ڪيوسڪ آهي. ان موقعي تي صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته صورتحال تي سخت نگراني جاري آهي ۽ سمورا آفيسر الرٽ آهن. ڪوٽڙي بيراج تي موجوده وقت ۾ وچولي درجي جو ٻوڏ آهي پر ڪو به خطرو ناهي. هن چيو ته ماهرن مون کي ٻڌايو آهي ته جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان زمين جي پروفائلنگ ۽ ڪمپريشن جو درست ۽ جديد ڊيٽا حاصل ٿيندو، جنهن سان بند جي مضبوطائي ۽ پاڻي جي وهڪري جي انتظام ۾ وڌيڪ بهتري ايندي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. جن ۾ بندن جي 24 ڪلاڪ نگراني، فوڪل پرسنز جي مقرري ۽ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن شامل آهن. وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن تحت مختلف لاڳاپيل ادارن کي هدايتون ڏنل آهن ته هر ممڪن خطري کي اڳواٽ روڪيو وڃي. جام خان شورو عوام کي اعتماد ڏياريو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثر علائقن ۾ هر قسم جي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ عوام جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا 14 *++*++

آهي ته پاڪستان ڪشميري عوام جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب انهن جي جائز حق خودمختياري جو حق حاصل ڪرڻ تائين، ڀرپور سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن ايوان صدر ۾ آزاد جمون ۽ ڪشمير (اي جي ڪي) جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو وفد ۾ آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جو اسپيڪر چوڌري لطيف اڪبر، آزاد ڪشمير جو اڳوڻو وزيراعظم راجا محمد فاروق حيدر خان ۽ قانونساز اسيمبلي جو ميمبر حامد رضا شامل هئا. وقتي صدر چيو ته ڪشمير سندس دل جي تمام ويجهو آهي. وزيراعظم جي پنهنجي دور جو حوالو ڏيندي هن انهن قدمن جو ذڪر ڪيو جيڪي سندس حڪومت آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ کنيا هئا، جن ۾ يونيورسٽين، ميڊيڪل ڪاليجن جي بنيادي فنڊنگ ۽ بهتر رستن جو انفراسٽرڪچر شامل آهي وفد ڏکڻ پنجاب ۾ تازي ٻوڏ جي نقصان تي گهري ڏک گڏڻ جو اظهار ڪيو اجلاس ۾ گذريل ڏينهن لاڏاڻو ڪري ويل حريت ڪانفرنس جي چيئرمين ۽ ڪشميري اڳواڻ عبدالغني ڀٽ جي خدمتن کي ساراهيو ويو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ڪشمير جي تحريڪ جي لاءِ عبدالغني ڀٽ جي سڄي زندگي جي جدوجهد کي سدائين احترام سان ياد رکيو ويندو هن مرحوم عبدالغني ڀٽ کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سندس قربانيون ايندڙ نسلن جي لاءِ مشعل راهه آهن. وقتي صدر آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جي اسپيڪر کي نومبر ۾ ٿيندڙ عالمي اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني هن ڀارت جي غيرقانوني والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارت پاران ڪيل ظلمن، آسيه اندرابي، ياسين ملڪ ۽ شبير شاهه جهڙن نالي وارن اڳواڻن سان اڻ ٿيندڙ سلوڪ جي مذمت ڪئي. هن واضح ڪيو ته پاڪستان عالمي فورمز تي ڪشمير جي تڪرار کي اٿاريندو رهندو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته مئي 2025ع ۾ ڀارت سان معرڪ حق دوران پاڪستان جي سول ۽ فوجي قيادت هڪ ائتمي رياست هجڻ جي باوجود ذميوارانو رويو اختيار ڪيو. جڏهن ته ڀارت پاران اشتعال انگيزي ۽ بي بنياد الزام هنيا ويا. هن ٻڌايو ته پاڪستان ڀارت پاران غيرجانبدارانه جاچ ڪرائڻ تي اتفاق ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن کي رد ڪيو ويو ڀارت هڪطرفي طور تي سنڌ طاس معاهدو پڻ معطل ڪري ڇڏيو جيتوڻيڪ پاڪستان جواب ڏيڻ جو حق محفوظ رکيو. هن پاڻ پوري عرصي ۾ تحمل جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي پوزيشن کي عالمي سطح تي صحيح ثابت ڪيو ويو، چو ته هن سچائي تي ٻڌل هو. جڏهن ته ڀارت جي بيانيي کي عالمي سطح تي رد ڪيو ويو. وقتي صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جو حل انتهائي ضروري آهي.

بقايا 15 *++*++

مان فائدو کڻن. هن اها ڳالهه پاڪستان ۾ يورپي يونين جي نئين مقرر سفير ريموناس ڪاروبلس سان ملاقات ۾ چئي. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن خاص ڪري پاڪستان ۽ يورپي يونين وچ ۾ اقتصادي سهڪار وڌائڻ ۽ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ جا ناتا وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي زور ڀريو ويو ناڻي واري وزير سفير کي ڀليڪار چوندي کيس ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال تي بريفنگ ڏني ۽ ٻڌايو ته ملڪي معيشت بحاليءَ جي راهه تي گامزن آهي ۽ اڳ کان وڌيڪ مستحڪم پوزيشن تي آهي هن آگاهه ڪيو ته حڪومت ٽيڪس، توانائي، سرڪاري ادارن ۾ بهتري، پبلڪ فنانس ۽ اداره جاتي ڍانچي ۾ وڏي پيماني تي سڌارن لاءِ قدم کڻي رهي آهي. جڏهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ نجڪاريءَ جو عمل وڌيڪ تيز ٿيندو وزيراعظم ذاتي طور معاشي سڌارا جاتي ايجنڊا جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي. سينيٽر اورنگزيب ٻڌايو ته ويجهڙ ۾ عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسين پاڪستان جي معاشي منظرنامي تي مثبت رپورٽون جاري ڪيون آهن. جنهن سان عالمي حصيدارن سميت يورپي يونين جو اعتماد وڌيو آهي. هن چيو ته ڪاروباري اعتماد ۾ بهتري آئي آهي ۽ مقامي سيڙپڪارن کي وڌيڪ سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي. وفاقي وزير هاڻوڪي ٻوڏ سبب فصلن، چوپائي مال ۽ بنيادي ڍانچي کي پهتل نقصان تي روشني وڌي. هن ٻڌايو ته هن وقت تائين 950 ڪان وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن

بقايا 16 *++*++

ويو آهي، گهرن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سان گڏ فصل تباهه ٿي ويا آهن ٻوڏ وهڪرا اچڻ ڪان پوءِ ڳوٺاڻن جي ٻيڙين ذريعي لڏ پلاڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر موجب سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ صورتحال سان گڏ 5 لک 71 ڪيوسڪ جو وهڪرو موجود آهي. جڏهن ته ڪوٽڙي بيراج تي وچولي درجي جو ٻوڏ وهڪرو موجود آهي. امڪاني طور تي ٻوڏ صورتحال جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. گڊو بيراج تي 5 لک ڪيوسڪ سان وچولي درجي جو وهڪرو موجود آهي. ڪنڊڪوٽ ۾ ٻوڏ جي پاڻي سبب 80 ڪان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي جي هيٺ اچي ويا آهن. قادر پور گيس فيلڊ مان گيس جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي. پنجاب جي ٻوڏ متاثر علائقن مان پاڻي لهڻ شروع ٿي ويو آهي ماڻهو واپس پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن ته متاثرين نقصانن جي ازالي لاءِ حڪومتي امداد جي اوسيئڙي ۾ آهن هوڏانهن سجاول جا ٻوڏ متاثرين پنهنجا گهر وڃائي ويٺا آهن رهواسي، بک، اڃ ۽ بيمارين هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. متاثر خاندان بدتر جي تصوير بڻيل آهن. نوشهروفيروز ۾ سنڌو درياءَ ۾ وچولي درجي جي ٻوڏ صورتحال آهي. منجٺ پرسان وڌيڪ زميندار ي بند ٽٽي ويو آهي جنهن سبب پاڻي جي تيز وهڪرن روڊ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. پاڻي جي تيز وهڪرن سبب فصل تباهه ٿي ويا آهن جڏهن ته رهواسي پنهنجي مدد پاڻ جي تحت محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيڻ لڳا آهن.

بقايا 17 *++*++

جي وزيراعليٰ جي ترجيح آهن. ميرٽ ۽ شفافيت جو ڪريڊٽ پنجاب جي وزيراعليٰ ڏانهن وڃي ٿو. الله جو شڪر آهي ته حرمين جي حفاظت جي ذميواري پاڪستان کي ملي وئي آهي جيڪو تمام وڏو اعزاز آهي. پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ معاهدو سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو ملڪ جو دفاع فتح نه ٿيڻ جوڳو آهي، اسان جي فوج دشمن کي بدترين شڪست ڏني، پاڻ ڪان ڏهوڻ وڏي دشمن کي اسان شڪست ڏني، سفارتي محاذ تي ڪاميابي جو ڪريڊٽ وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف ڏانهن وڃي ٿو اهڙو اظهار هن بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن راولپنڊي جي انٽرميڊيئيٽ سالياني امتحان 2025ع ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ انعام ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير حنيف عباسي چيو ته سمورن ڪامياب ۽ پوزيشن هولڊرز شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ سندن والدين کي مبارڪون ڏيان ٿو. وفاقي وزير چيو ته شفافيت جي بنياد تي نتيجن جو اعلان يقيني بڻايو ويو آهي، بورڊ جي چيئرمين ۽ سندس ٽيم کي شفافيت ۽ ميرٽ جي معيار کي قائم رکڻ تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو تقريب جي آخر ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي ميڊلز ۽ انعامن سان نوازيو ويو ۽ گارڊ آف آنر به پيش ڪيو ويو.

بقايا 18 *++*++

ميجر جنرل (ر) حفيظ الرحمان کي ڪم جاري رکڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. جسٽس محمد آصف ۽ جسٽس انعام امين منهاس پي ٽي اي چيئرمين جي بحالي جو حڪم جاري ڪيو واضح رهي ته سنگل بنچ جي فيصلي خلاف وفاقي حڪومت انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪئي هئي. ٻڌڻي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل راشد حفيظ ايڊووڪيٽ دليل ڏيندي چيو ته سڄي پاڪستان مان 64 ماڻهن ۾ مقابلو ٿيو. جن مان 24 اميدوار ڪواليفاءِ ڪيو اهليت جي معيار تي سختي سان عمل ٿيو ڪو به اميدوار عدالت ۾ نه آيو ياد رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس بابر ستار اڳ ۾ ئي ميجر جنرل (ر) حفيظ الرحمان کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم ڏيندي پي ٽي اي کي ڪنهن سينيئر رڪن کي چيئرمين مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. ميجر جنرل (ر) حفيظ الرحمان کي مئي 2023 ۾ پي ٽي اي چيئرمين مقرر ڪيو ويو هو وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ڪابينه اجلاس ۾ سندس مقرري جي منظوري ڏني وئي هئي.

بقايا 19 *++*++

رفتاري بابت سوال تي آءِ ٽي اينڊ ٽيلي ڪام سيڪريٽري چيو ته پاڪستان ۾ انٽرنيٽ جي سستي جو سبب يمن جي سمنڊ ۾ ميرين ڪيبل جو ڪٽجڻ آهي، هڪ يا ٻه نه پر 4 کان 5 ڪيبلز ڪٽجي ويون آهن هن ٻڌايو ته پاڪستان ڏانهن ايندڙ ٻه ڪيبلز متاثر ٿيون آهن. ڪمپنين بينڊوٿ متبادل روٽ تي منتقل ڪئي آهي. ڪيبلز جي بحالي ۾ 4 کان 5 هفتا لڳي سگهن ٿا. ڪميٽي کي ٻڌايو ويو ته 3 وڌيڪ ڪيبلز ايندڙ 12 کان 18 مهينن ۾ اچي رهيون آهن. ٽئي ڪيبلز پاڪستان کي يورپ سان ڳنڍينديون، معاهدا ٿي چڪا آهن.

بقايا 20 *++*++

سان ڳالهيون ڪندي چيو ته سعودي عرب ۽ پاڪستان جو دفاعي معاهدو ڪنهن مخصوص واقعي جو رد عمل نه آهي. هن چيو ته دفاعي معاهدو سعودي عرب ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڊگهي تعاون جي عڪاسي آهي. هن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دفاعي معاهدي کي گڏيل دفاعي معاهدو قرار ڏنو ۽ چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٿيل دفاعي معاهدو سمورن فوجي مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿو ياد رهي ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ راڄڌاني رياض ۾ گڏيل دفاعي معاهدو ٿي ويو آهي. سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون. اهو معاهدو جيڪو ٻنهي ملڪن جي پنهنجي سلامتي کي وڌائڻ، خطي ۽ دنيا ۾ سلامتي ۽ امن جي حصول لاءِ گڏيل ارادن جي عڪاسي ڪري ٿو انهي جو مقصد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دفاعي تعاون کي هٽي ڏيڻ ۽ ڪنهن به جارحيت خلاف گڏيل دفاع، تحفظ کي مضبوط بڻائڻ آهي. معاهدي ۾ چيو ويو آهي ته ڪنهن به هڪ ملڪ جي خلاف جارحيت ٻنهي ملڪن جي خلاف جارحيت تصور ڪئي ويندي.

بقايا 21 ***

ليگ (ن) ۽ پنجاب حڪومت هڪ بيمار شخص جي حمايت ۾ مهم هلائي رهيا آهن. جيڪو افسوسناڪ آهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اهڙو رويو سنڌ صوبي لاءِ هڪ منفي پيغام آهي. هن چيو ته (ن) ليگ جي پنجاب حڪومت عوام جو ڌيان پنهنجي خراب ڪارڪردگي تان هٽائڻ چاهي ٿي. ٻوڏ دوران خراب حڪمت عملي ۽ تجربي جي کوٽ سبب پنجاب جي عام ماڻهن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا 22 *++*++

رياست ۽ پيڪا ايڪٽ تحت اين سي سي آءِ اي ۾ ڪيس داخل آهي.

بقايا 23 *++*++

انعام ميمڻ ۽ صوبائي وزير توانائي، منصوبه بندي ۽ ترقي سيد ناصر حسين شاهه سان چيني اليڪٽرڪ چارجنگ ڪمپني اي آئو جي عملدارن شنگهائي (چين) ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران صوبي ۾ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشنز قائم ڪرڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سيد ناصر حسين شاهه کي جديد چارجنگ ٽيڪنالاجي بابت بريفنگ ڏني وئي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪمپني عملدارن کي سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ چارجنگ پوائنٽس جو وسيع نيٽورڪ قائم ڪرڻ واري پنهنجي منصوبي بابت آگاهي ڏني هن چيو ته ٽرانسپورٽ جو مستقبل صاف توانائي ۽ اليڪٽرڪ گاڏين سان جڙيل آهي. سنڌ ان تبديلي ۾ پوئتي نه رهندو صوبي ۾ اليڪٽرڪ گاڏين جا چارجنگ اسٽيشنز قائم ڪرڻ ماحولياتي تحفظ لاءِ اهم قدم آهي سينيئر وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت متبادل توانائي جي شعبي ۾ سيڙپ ڪندڙ ڪمپنين کي هر ممڪن سهولتون ۽ سهڪار فراهم ڪندي اسان جو مقصد فوسل فيول تي انحصار گهٽائڻ، هوا جي آلودگي گهٽائڻ ۽ گرين ٽيڪنالاجي وسيلي معيشت ۾ نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي ملاقات جي موقعي تي صوبائي وزير توانائي ۽ منصوبه بندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته توانائي ۽ ٽرانسپورٽ اڄ جي دنيا ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل شعبا آهن سنڌ اڳ ئي قابل تجديد توانائي جي ميدان ۾ اهم قدم کنيا آهن. هاڻ اليڪٽرڪ موبيلٽي ايندڙ اهم قدم آهي هن وڌيڪ چيو ته اليڪٽرڪ گاڏين سان نه رڳو روايتي ايندهن تي دٻاءُ گهٽبو پر موسمياتي تبديلي جي چئلينج کي منهن ڏيڻ ۾ به مدد ملندي

بقايا 24 *++*++

(اوگرا) جي هيڊ آفيس جو دورو ڪيو جتي کيس اوگرا جي مينڊيٽ، ريگوليٽري ڪردار ۽ تازن قدمن جي سلسلي ۾ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، پيٽروليم واري وفاقي وزير ڊجيٽائيزيشن جي خامين کي ختم ڪرڻ، شفافيت يقيني بڻائڻ ۽ موثر نگراني جي ضرورت تي زور ڏيندي پيٽروليم ڊويزن واري وزارت مان جاري بيان موجب اوگرا چيئرمين مسرور خان سينئر عملدارن سان گڏ وفاقي وزير جي آجيان ڪئي. دوري دوران وفاقي وزير کي اوگرا جي مينڊيٽ، ريگوليٽري ڪردار ۽ تازن قدمن جي سلسلي ۾ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ اهم معاملن سميت عوامي حفاظت لاءِ هلايل حفاظتي آگاهي مهمن، ريفائنريز کي يورو V-تي آڻڻ لاءِ براؤن فيلڊ اپ گريڊيشن منصوبي، ايل اين جي ۽ ورچوئل پائيپ لائن جهڙن منصوبن تي اڳڀرائي، صارفين جي شڪايتن جو وقت سر حل ۽ عوام جي رعايتي قدم، اوگرا هيڊ ڪوارٽر ۾ "ون ونڊو فيسليٽيشن سينٽر قائم ڪرڻ، اي لائسنسنگ ۽ ڊجيٽائيزيشن ذريعي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ، اسٽريٽجڪ پارڻ جي ذخيرن جو قيام، شعبا جاتي سڌارن ۽ علائقائي آفيسون قائم ڪرڻ بابت اڳڀرائي ڪان آگاهه ڪيو ويو علي پرويز ملڪ کي تيل جي سپلائي چين جي ڊجيٽائيزيشن جي حوالي سان اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو ويو هن ان قدم جي اهميت تي روشني وجهندي ڊجيٽائيزيشن جي خامين کي ختم ڪرڻ، شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ موثر نگراني جي ضرورت تي زور ڀريو علي پرويز ملڪ اوگرا جي ڪردار ته هو انفورسمنٽ ميڪينزم کي مضبوط ڪري ته جيئن سمورن اسٽيڪ هولڊرز لاءِ هڪجهڙا موقعا ميسر ٿي سگهن هن اسٽيڪ هولڊرز ۽ عوام ٻنهي کي پيٽروليم سيڪٽر ۾ ٿيل حقيقتن ۽ اڳڀرائي جي حوالي سان آگاهه ڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن فريم ورڪ تيار ڪرڻ جي اهميت تي به زور ڀريو اوگرا چيئرمين مسرور خان وفاقي وزير کي خاطري ڪرائي ته اٿارٽي اوگرا آرڊيننس موجب پنهنجا فرض بهتر طريقي سان نڀائڻ ۽ پيٽروليم شعبي ۾ استحڪام ۽ لچڪ کي يقيني بڻائڻ لاءِ وفاقي حڪومت جي پاليسي سازي ۾ هر ممڪن تعاون جاري رکندي.

بقايا 25 *++*++

جنرل آصف جان صديقي جي حڪمن تحت سهيل باسط کي ڊائريڪٽر فنانس اينڊ اڪائونٽس مقرر ڪيو ويو آهي. سهيل باسط اڳ ۾ مختلف مالي ۽ انتظامي عهدن تي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي، جتي هن پنهنجي پيشه ورانه صلاحيتن ذريعي اهم ڪاميابي حاصل ڪئي ٻئي طرف، ڪجهه ڏينهن اڳ هٽايل اڳوڻي ڊائريڪٽر فنانس اينڊ اڪائونٽس ڪاشف صديقي بابت معلوم ٿيو آهي ته کيس عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو ميمبر فنانس جي حڪمن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ڊپارٽمينٽل انتظامي بي ضابطگين جي ڪري ڪيو ويو. سندس برطرفي کانپوءِ، سهيل باسط جي مقرري کي اداري جي مالي نظم و ضبط کي بهتر بڻائڻ ۽ شفافيت قائم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ بروقت قدم قرار ڏنو پيو وڃي. سهيل باسط هڪ تعليم يافته آفيسر آهي ۽ مالي ۽ انتظامي معاملن ۾ ڪيترن سالن جو تجربو رکي ٿو پنهنجي ڪيريئر دوران، سهيل باسط ڪيترن ئي اهم ذميوارين ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ هميشه شفافيت ۽ ايمانداري کي اولين ترجيح ڏني. آفيسرن جو چوڻ آهي ته سهيل باسط جي آمد سان نه رڳو اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو هڪ بهتر ماحول پيدا ٿيندو پر مالي معاملن جي عملدرآمد ۾ رفتار ۽ شفافيت کي به ممڪن بڻائيندو. ادارتي حلقا سندس مقرري کي اداري جي مستقبل لاءِ هڪ خوش آئند ۽ مثبت فيصلو قرار ڏئي رهيا آهن. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي کي يقين آهي ته سهيل باسط پنهنجي صلاحيتن کي ڪي ڊي اي جي مالي نظام کي جديد بڻائڻ، اداري جي مالي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ ۽ کاتي جي ساک کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 26 *++*++

. نادرا طرفان ڪراچي ۾ مارچ 2026 تائين نوان ميگا سينٽر کوليا ويندا، اهڙو اعلان اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ عامر علي خان ڪراچي ۾ هڪ تقريب دوران ڪيو هن ٻڌايو ته نوان سينٽر گلشن اقبال، گلبرگ ۽ سرجاني ٽائون ۾ کوليا ويندا ته جيئن عوام کي وڌ ڪان وڌ سهولت فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 27 *++*++

صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت، سيڪريٽري منصور عباس رضوي، ڊي جي- ون نسيم الدين ميرائي، صلاحڪار ريحانه جي علي ميمڻ، رجسٽرار مسعود عشرت، ڊائريڪٽر ڪلائميٽ اينڊ ڊزاسٽر جسٽس يونٽ امداد حسين صديقي، ڪنسلٽنٽ آئي ٽي اڪمل نسيم، هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر محمد سليم، ريجنل مئنيجر علي محمد پناڻ، ڊائريڪٽر پروگرام امجد محمود امجد ۽ ٻيا شامل هئا. مفاهمت جي ياداشت تحت، هيلپنگ هينڊز صوبائي محتسب سنڌ آفيس بابت عوامي آگاهي ۾ ڪردار ادا ڪندو. ان سلسلي ۾، هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ صوبائي محتسب سنڌ جي سڀني 19 ضلعي علائقائي آفيسن کي 2600 پينا فليڪس ۽ 10 هزار اسٽيڪر پڻ فراهم ڪيا. ايم او يو تي ڊي جي-1 صوبائي محتسب سنڌ نسيم الدين ميرائي ۽ هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر محمد سليم صحيحون ڪيون. ان موقعي تي ڳالهائيندي محمد سليم شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ 2005 کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت 63 ملڪن ۾ هڪ نيٽ ورڪ آهي. هن چيو ته اسان جي تنظيم جو مرڪز پاڪستان آهي جتي اسان معذور ماڻهن، يتيمن ۽ ٻين مسئلن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته صوبائي محتسب سنڌ آفيس سان ڀائيواري سندس تنظيم لاءِ اعزاز آهي. جڏهن ته عوامي شڪايتن جي مفت حل جي سهولت صوبائي محتسب جي هڪ وڏي شروعات آهي. جنهن کي هر صورت ۾ عام ڪيو وڃي. ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ جي تعاون تي شڪرگذاري جو اظهار ڪندي چيو ته ڀلي تنظيمون عوامي ڀلائي ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. اسان کي اميد آهي ته ٻنهي تنظيمن جي تعاون سان ماڻهن کي فائدو ٿيندو بعد ۾ ڊائريڪٽر ڪلائميٽ اينڊ ڊزاسٽر جسٽس يونٽ امداد حسين صديقي هيلپنگ هينڊز فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاران فراهم ڪيل سامان وصول ڪيو.

بقايا 28 *++*++

مجد علي شاهه جوابدارن جو اشتهار جاري ڪيو ۽ انهي تي 18 آڪٽوبر تي رپورٽ طلب ڪري ورتي. عدالت جن جوابدارن جو اشتهار جاري ڪيو انهن ۾ عمر ايوب، ڪنول شوزب، شيخ راشد شفيق، عظيم الله، زرتاج گل، راءِ محمد مرتضيٰ، راءِ حسن نواز، محمد احمد چٺه، محمد جاويد جا نالا به شامل آهن. انهي کان علاوه شبلي فراز، چوڌري آصف علي، چوڌري بلال اعجاز، شڪيل احمد خان ۽ اشرف خان جا نالا به اشتهار ۾ موجود آهن. جوابدارن جو اشتهار نيو ٽائون ٿاڻي، صادق آباد، سٽي، وارث خان، سول لائن، مورگاهه ٿاڻي، ٽيڪسلا، صدر واهه، ڪينٽ ۽ آراءِ بازار ۾ داخل ڪيسز ۾ جاري ڪيو ويو آهي. هوڏانهن جوابدارن جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا پر گرفتاري وارنٽ تي عمل نه ڪرڻ ۽ غير حاضري تي جوابدارن جا اشتهار جاري ڪيا ويا آهن. اهڙن سمورن 14 جوابدارن جي خلاف اشتهار تي رپورٽ داخل ٿيڻ تي جوابدارن کي مفرور قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي ويندي.

بقايا 29 *++*++

ڪمشنر ڪيچ ۽ قبائلي شخصيتن جون ڪوششون رنگ ڪڻي آيون. هٿيارٻند ماڻهن حنيف نورزئي کي اربع جي رات دير سان آزاد ڪري ڇڏيو ڊپٽي ڪمشنر ڪيچ موجب اسسٽنٽ ڪمشنر تمپ حنيف نورزئي کي هلندڙ سال 3 جون تي ڪيچ مان ڪوئٽه ايندي هٿيارٻندن اغوا ڪيو هو هو انهي وقت پنهنجي خاندان، ڊرائيور ۽ محافظن سان گڏ سفر ڪري رهيو هو اغوا ڪندڙن صرف انهي کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا جڏهن ته انهي جي گهر ۽ محافظن کي ڇڏي ڏنو اسسٽنٽ ڪمشنر کي آزاد ڪرڻ جي اطلاع ملڻ تي بلوچستان جي وڏي وزير جو خصوصي جهاز رات ساڍي 10 وڳي تربت ۾ لينڊ ڪيو جتان کان اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف نورزئي کي ڪوئٽه پهچايو ويو.

بقايا 30 *++*++

آرٽس ڪائونسل جي ويجهو جي يو آءِ (ف) جي ريلي منعقد ڪئي ويندي، جنهن جي تحت شاهين ڪمپليڪس کان فوارا چوڪ تائين روڊ بند رهندو ٽريفڪ پوليس چيو ته ضياءَ الدين سگنل کان ايندڙ ٽريفڪ کي ڪلب چوڪ شاهراهه فيصل ڏانهن موڙيو ويندو. شاهين ڪمپليڪس کان پريس ڪلب ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ کي پي آءِ ڊي سي ۽ شاهراهه فيصل ڏانهن موڙيو ويندو ساڳئي طرح، پي آءِ ڊي سي کان ايندڙ ٽريفڪ کي آواري ڏانهن موڙيو ويندو، ريڪس سينٽر کان فوارا چوڪ ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ کي آواري يا ڪلفٽن ڏانهن موڙيو ويندو ٽريفڪ پوليس موجب، چترري چوڪ کان ايئر آرڪيڊي ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ کي ايس ايم لا ڪاليج ڏانهن موڙيو ويندو، اهل حديث چوڪ کان ايئر آر ڪيڊي ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ کي شارع لياقت ڏانهن موڙيو ويندو.

بقايا 31 *++*++

کاتي ڪراچي ڊويزن جو اعليٰ سطحي اجلاس سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊويزن جا لاڳاپيل آفيسر شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ گندم جي موجوده ذخيرن، صوبي جي طلب ۽ رسد، نئين رليز پاليسي ۽ فلور ملز تائين بروقت فراهمي بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس کي آگاهي ڏني وئي ته ڪراچي ڊويزن سميت سموري سنڌ ۾ گندم جا ذخيرا اطمينان بخش آهن ۽ عوام کي ضرورت مطابق فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. عبدالجبار خان چيو ته عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خلاف زيرو ٽالرينس پاليسي اختيار ڪئي ويندي. فلور ملز کي شفافيت سان ۽ وقت سر گندم فراهم ڪئي ويندي، جڏهن ته ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي مانيٽرنگ سيل کي وڌيڪ فعال بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته مارڪيٽ جي سخت نگراني لاءِ هڪ خاص ٽاسڪ فورس فوري طور تي جوڙي ويندي. خاص مددگار چيو ته اهي سڀئي قدم چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي عوامي وژن ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن مطابق آهن. جن واضح چيو آهي ته عوامي رليف ۽ خوراڪ جي شين جي فراهمي حڪومت سنڌ جي سڀ کان وڏي ترجيح آهي. اجلاس ۾ فيصلا ڪيا ويا ته روزاني بنياد تي اٽي ۽ گندم جي قيمتن جي رپورٽ تيار ڪئي ويندي، فلور ملز جي سخت نگراني لاءِ خاص ٽيمون تشڪيل ڏنيون وينديون، بين الصوبائي ترسيل تي ڪڙي نگراني ڪئي ويندي. جڏهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ رعايتي اٽي جي اسٽالن ۽ سستي اسڪيم به غور هيٺ آهي. عبدالجبار خان وڌيڪ ٻڌايو ته ايندڙ هفتي کان پاڻ ذاتي طور تي سڀني گودامن جو دورو ڪندو ۽ معيار ۽ مقدار کي پاڻ چيڪ ڪندا. جيئن ڪنهن به قسم جي کوٽ يا بي ضابطگيءَ جي گنجائش نه رهي. هن هدايت ڪئي ته غيرقانوني ذخيره اندوزن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪنهن کي به عوامي رليف ۾ رنڊڪ وجهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. عبدالجبار خان عزم ظاهر ڪيو ته سنڌ حڪومت بلاول ڀٽو زرداري جي عوامي منشور موجب صوبائي وسيلن کي استعمال ڪندي عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعليٰ سنڌ جي قيادت ۾ تيار ڪيل جامع حڪمت عملي سان نه رڳو اٽي جون قيمتون مستحڪم رکبيون، پر هارين کي بهتر سهولتون ڏئي ايندڙ فصل ۾ گندم جي پيداوار ۾ به نمايان واڌ ممڪن بڻائي ويندي.

بقايا 32 *++*++

پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني عمران خان جي وڊيولنڪ پيشي بابت نوان ايس او پي جاري ڪيا آهن. عدالتي حڪم موجب ڪو به شخص وڊيو لنڪ ڪارروائي رڪارڊ نه ڪري سگهندو ۽ عدالت اندر موبائل فون يا ٻيا رڪارڊنگ ڊوائيس کڻي وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. حڪم ۾ چيو ويو آهي ته وڊيو لنڪ ذريعي ڪارروائي جي رڪارڊنگ صرف عدالت ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪو ان کي رڪارڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته ان خلاف فوجداري قانون تحت ڪارروائي ڪئي ويندي. عدالتي حڪم ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته وڊيو لنڪ ڪارروائي جو ٽرانسڪرپٽ به ڪنهن به شخص کي فراهم نه ڪيو ويندو.

بقايا 33 *++*++

مليريا جا هڪ لک 54 هزار 123 ڪيسز سامهون آيا آهن. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان موجب ڪراچي مان مليريا جا 2 هزار 97 ڪيسز رپورٽ ٿيا. مليريا جا سڀني کان وڌيڪ 620 ڪيسز ضلع ملير ۾ رپورٽ ٿيا. ضلعي جنوبي ۾ 374 ۽ ضلعي غربي ۾ 349 ڪيسز سامهون آيا. ترجمان موجب ضلعي ڪورنگي مان مليريا جا 359، ضلعي شرقي 179، ضلعي وسطي مان 121 ۽ ضلعي ڪياماڙي مان مليريا جا 95 ڪيسز سامهون آيا. ترجمان موجب حيدرآباد ڊويزن ۾ مليريا جا 71 هزار 14، سکر ڊويزن ۾ 11 هزار 862، لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ 40 هزار 173 ۽ ميرپورخاص ڊويزن ۾ 11 هزار 865 ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ مليريا جا 17 هزار 112 ڪيسز رپورٽ ٿيا.

بقايا 34 *++*++

اداري جي مالي نظم و ضبط کي بهتر بڻائڻ ۽ شفافيت قائم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ بروقت قدم قرار ڏنو پيو وڃي. سهيل باسط هڪ تعليم يافته آفيسر آهي ۽ مالي ۽ انتظامي معاملن ۾ ڪيترن سالن جو تجربو رکي ٿو پنهنجي ڪيريئر دوران، سهيل باسط ڪيترن ئي اهم ذميوارين ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ هميشه شفافيت ۽ ايمانداري کي اولين ترجيح ڏني. آفيسرن جو چوڻ آهي ته سهيل باسط جي آمد سان نه رڳو اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو هڪ بهتر ماحول پيدا ٿيندو پر مالي معاملن جي عملدرآمد ۾ رفتار ۽ شفافيت کي به ممڪن بڻائيندو. ادارتي حلقا سندس مقرري کي اداري جي مستقبل لاءِ هڪ خوش آئند ۽ مثبت فيصلو قرار ڏئي رهيا آهن. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي کي يقين آهي ته سهيل باسط پنهنجي صلاحيتن کي ڪي ڊي اي جي مالي نظام کي جديد بڻائڻ، اداري جي مالي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ ۽ کاتي جي ساک کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

بقايا 01 ----

فارم هائوس تي سردار شاهد بروهي پاران ڏنل آجياڻي ۾ ڳالهائيندي ڪيون. صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته نوجوان سردار شاهد بروهي ۽ پنهنجي وڏڙن جي نقش قدم تي هلندي اسان سان ساٿ ۾ ساٿ نڀائيندو رهي ٿو هن چيو ته سندس ساٿ به هميشه ساٿڻ رهندو ۽ هو ڪين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندو. ان موقعي تي سردار شاهد بروهي پاران آيل مهمانن جو مانائتو استقبال ڪري ڪين لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي چيو ته هو صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جو ته دل سان شڪر گذار اهي، جنهن ڪيس ايڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ضلعي ٺٽي جي عوام جو حقيقي نمائندو ۽ انسان دوست شخص اهي، جنهن کي رڳو عوام جو فڪر آهي. جيڪو هر وقت عوام جي خدمت ۾ مصروف بڻيل آهي. ان موقعي تي سيد مدد علي شاهه ڪاظمي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 02 ----

جو چوڻ آهي ته سندن مائٽن پارٽي جيلن ۾ سختيون برداشت ڪيون آهن ۽ هاڻي وطن واپس اچڻ باوجود اهي پنهنجن گهرن تائين پهچي نه سگهيا آهن. "اسان جي اميد هئي ته اهي آزاد ٿيندي ئي سڌو گهر ايندا، پر هاڻي اسان کي خبر پئي آهي ته اهي لاهور جيل ۾ آهن." ماهيگيرن جي وارثن ٻڌايو ته افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جو فشريز کاتو پڻ انهن ماهيگيرن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي. جنهن سبب ماهيگيرن ۽ سندن گهرڀاتين جي تڪليفن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. انساني حقن جي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته فوري طور تي انهن ماهيگيرن کي آزاد ڪري سندن گهرن ڏانهن موڪليو وڃي ته جيئن هو پنهنجي پيارن سان ملي سگهن. سنڌ حڪومت ۽ خاص طور تي فشريز کاتي کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي ذميواري محسوس ڪن ۽ لاهور ۾ قيد ماهيگيرن جي آزاديءَ لاءِ فوري قدم کڻن.

بقايا 03 ----

اين.شاهه تعلقي جي ڪاڇي واري ڳوٺ سالاري جو رهواسي عبدالجبار ڳاڏهي کي سندس پنهنجي ويجهي عزيز عبدالنبي ڳاڏهي پستل جون سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو بعد ۾ جوابدار هوائي فائرنگ ڪري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ته موجود ماڻهن ۽ مال جي واپارين جوابدار کي ڊوڙائي ڊوڙائي پڪڙي ورتو پوليس اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي نيو ويو. جڏهن ته واقعي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان عبدالجبار ولد سوز علي ڳاڏهي کي تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو اطلاع تي ڳاڏهي برادري ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا. ڊي.ايس.پي ميهڙ معشوق علي ڪيريو تعلقه اسپتال ميهڙ پهچي تفصيل ورتا. ابتدائي جاچ ۾ واقعو قاتل ۽ مقتول وچ ۾ ذاتي رنجش سبب پيش اچڻ ظاهر ٿيو آهي. ان حوالي سان وڌيڪ قانوني ڪاروائي ۽ جاچ عمل ۾ آندي پئي وڃي. قتل ٿي ويل مال جي واپاري جي پڦات شاهد حسين ڳاڏهي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين مال پڙي تي جانور وٺڻ آيا هئاسين مقتول کي سندس پنهنجا ئي ويجها رشتيدارن قتل ڪيو آهي. ڏرين ۾ ڦهريان به ڏند چڪ ٿيل هئي. ڊي.ايس.پي ميهڙ چيو ته جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن وڌيڪ قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. جڏهن ته پوليس ڪاروائي ڪندي واقعي ڪتب آندل هٿيار هٿ ڪري جوابدار کي لاڪپ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کي فوري قانوني ڪاروائي ۽ شفاف جاچ ڪري متاثر ڌر کي انصاف ڏيارڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي

بقايا 04 ----

ڪان پيئڻ جو پاڻي بند عوام پئيسن تي پاڻي وٺڻ تي مجبور تي روڊ تي نڪري آيا اڄ صبح گڏه گاڏن تي پاڻي سپلائي ڪندڙ ۽ غريب عوام جنگشاهي ٺٽو روڊ تي احتجاج ڪندي ڊرڙو هٽي مين روڊ بند ڪري ڇڏيو ڪيٽريون ئي گاڏيون بيهجي ويون ڌرڻي جي شرڪائن پاران پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا جيئڻ لاءِ پاڻي ڏيو پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيو جا زوردار نعرا هڻيا انهي موقعي تي شهرين ۽ ڳوٺاڻن چيو ته ڪيترن ئي مهينن کان پيئڻ جو پاڻي بند آهي پر جنگشاهي جي ٻنهي چئرمين کي جونءِ به ڪان ٿي سري ماهوار ٻارنهن ٻارنهن لک ٻجيت بالا آفيسرن جي ملي ڀڳت سان هڙپ ڪئي پئي وڃي ان کان علاوه فوٽي سرٽيفڪيٽ پئدائشي ۽ رهائشي سرٽيفڪيٽن جي پڻ ڳري فيس ورتي پئي وڃي پر بنيادي ڪو به مسئلو حل نه پيو ڪيو وڃي هن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ ڊي جي نيب ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ محتسب اعليٰ سنڌ ۽ ارباب اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور يونين ڪائونسل ۾ ٿيندڙ ڪرپشن جي شفاف انڪوائري ڪري چئرمين کي بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جو پابند ڪيو وڃي ۽ انجنئر پبلڪ هيلٿ جنگشاهي جي ڇهن ڳوٺن لاءِ مليل سولر واٽر سپلاءِ جي ٻجت هڙپ ڪري اسڪيم کي هلائڻ لاءِ تيار ناهن ۽ بجلي نه هلندڙ واٽر سپلاءِ کي به بهانا ناهي بند ڪري ڇڏيو آهي ان جي انڪوائري ڪري جنگشاهي ڪوهستان جي عوام سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 05 ----

حد تائين اضافو ٿي رهيو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته برساتن جي پاڻي بيهڻ سبب مڇرن جي پيدائش ۾ بي پناهه واڌ ٿي آهي. جنهن ڪري شهري مختلف بيمارين جو شڪار ٿي رهيا آهن. اسپتالن ۾ مليريا ۽ ڊينگي جي مريضن جو رش وڌي رهي آهي، پر انتظاميا پاران ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي. متاثر علائقي واسين ڊي سي ٺٽو، ڊي ايڇ او ٺٽو، مليريا ڪنٽرول کاتي ۽ بلدياتي نمائندن کان فوري طور مڇرمار اسپري ڪرائڻ ۽ علائقي کي مڇرن جي آزار کان نجات ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هنن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن فوري قدم نه کنيا ويا ته صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي.

بقايا 06 ----

هارون ڪوسو نواب حاجاڻو اڪرم راجپوت چوڌري سجاد رييس ماڻڪ ڪيري سيٺ ليلارام رييس محمد رمضان چانڊيو راجا وڏيرو اعجاز دل ممتاز دل چوڌري وقاص علي حسن مري سميت يوسي لعل شاهه يوسي عبيدالله يوسي خداد يوسي هادي بخش يوسي احمد خان پرڳڙي يوسي ميرالله داد ڪي جي ايم سٽي يوسي مير محمد سميت ٻين يوسين جي آبادگارن شرڪت ڪيي گڏجاڻي ۾ مختلف يونين جي زميندارن جي تنظيم سازي ڪيي ويي جيڪي سيني شاخن واٽرن جي آبادگارن سان ملي ڪري رابطا مهم هلائڻ بعد هڪ ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلايي ڪوٽ غلام محمد ۾ ايريگيشن جي ناانصافين خلاف ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 07 ----

ماڻهن کي بچائڻ لاءِ حڪمرانن سياستدانن آفيسرن وٽ سواءِ ڪنهن آسري دلاسي ڪان سواءِ ڪجهه به ڪونهي. جڏهن ته سرڪار پاران متاثر علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ۽ هنگامي سهولتون مهيا ڪرڻ جا دعوائن باوجود، حالتون بدتر ٿينديون پيون وڃن. تازي واقعي ۾ سگهيون جي ڪڇي واري علائقي ۾ معصوم نينگري رضوانه چنو کي زهريلو نانگ ڪڪي ويو نينگري ڪلاڪن جا ڪلاڪ تڙپندي رهي پر وقت سر طبي امداد نه ملڻ سبب سندس حالت خراب ٿيندي وئي. ڪيس ڳڻتيءَ واري حالت ۾ گمس هاسپيٽل گمبٽ منتقل ڪيو ويو جتي هوءَ زهر جو صحيح علاج نه ملڻ سبب فوت ٿي وئي. علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته رضوانه چنو جي موت جي سڌي ذميوار سرڪار آهي جن بي حسي ۽ لاپرواهي جو مظاهرو ڪيو آهي. چو ته سرڪار طرفان لڳايل ٻوڏ وارن ڪيمپن ۽ ايمرجنسي مرڪزن تي عملي ۽ دوائن جي سخت کوٽ آهي. متاثر ماڻهن جو چوڻ آهي ته حڪومت صرف دورن ۽ اعلانن تائين محدود آهي. جڏهن ته اصل ۾ زميني سطح تي ڪا به سهولت موجود ناهي. مقامي ماڻهن مطالبو ڪيو آهي ته معصوم نينگري جي فوت ٿيڻ جو ڪيس لاپرواهه عملدارن ۽ ذميوار آفيسرن خلاف داخل ڪيو وڃي، جيئن مستقبل ۾ ٻيهر اهڙي غفلت سبب بيگناهه زندگيون ضايع نه ٿين. ماهرن جو چوڻ آهي ته برساتن ۽ ٻوڏ کان پوءِ ڪچي ۽ پڪي ٻنهي علائقن ۾ نانگن جي نڪرڻ سبب سخت خطري ۾ آهن. جتي به پاڻي بيٺل آهي اتي نانگ ۽ ٻين زهريلن جيوت سبب ڪچي ۽ پڪي جا ماڻهو راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته ٻارڙن ۽ عورتن لاءِ خطرو وڌيڪ وڌي ويو آهي. هن المناڪ واقعي کان پوءِ ڪچي جا رهواسي سخت خوف ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪري رهيا آهن ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ايمرجنسي سهولتون، خاص ڪري ميڊيڪل ٽيمون، اينٽي وينم دوائون ۽ بچاءَ لاءِ قدم فوري طور تي کنيا وڃن. جڏهن ته هيومن رائٽس واچ پاڪستان جي مرڪزي چيئرمين سيد زوار شاهه ۽ ٻين سان گڏجي جلد ڪچي جي متاثر ڳوٺن جو وفد دورو ڪندو ۽ آگاهي مهم هلائيجي عام ماڻهن کي بچاءَ بابت ڄاڻ ملي سگهي

بقايا 08 ----

هڙتال واري احتجاجي ڪئمپ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي صدر امر آڪاس لاکو، سينيئر نائب صدر ارسلان آريسر، زبير حسن پنهور ، ارسلان خاصخيلي ، سيد فرمان شاهه، عمرڪوٽ جي اڳواڻ راجا سوٽيڪي، اياز مري، شعيب شيخ، ايس يو پي ضلعي صدر گل بجير، ايس يو پي اڳواڻ حاجي ساند، مهر علي سمون ، باغي شاهد، عاشق راڄڙ ۽ ٻين قومي ڪارڪنن ۽ شاگردن سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واحد سنڌ صوبو آهي جتي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي سرعام لتاڙ ڪئي وئي آهي ، اهڙي عمل نوجوانن کي مايوس ڪيو. سنڌ ۾ نوڪرين جي وڪرو پڻ جاري آهي. جن کي روڪڻ لاءِ سنڌ سرڪار ڪجهه به ناهي ڪري سگهي، اي ايس آئي جا آرڊر هجن يا مختيارڪار يا ڪنهن به سورنهن يا سترهين گريڊ جا آرڊر وڪرو ڪيو وڃن ٿا، سنڌ حڪومت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ کي روڪي سنڌ جي پڙهيل لکيل نوجوانن کي مايوسي کان بچائي وجي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ جي نوجوانن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندي رهندي.

بقايا 09 ----

پري پري کان ايندا آهن اڪثر ڪري هتي مقامي ماڻهو هر سال مخدوم جي ڪني جي ناليءَ سان سڏيو ويندڙ درگاهه مخدوم امام رح مشهور پڻ آهي ۽ وڏي اجتماع جي صورت پنج وقت جي نماز ادا ڪرڻ جو قديمي هتي سلسلو جاري رکيو اچن تاريخي پراڻي درگاهه مخدوم امام رح جنهن جي اردگرد تاريخ ماڻيندڙ جار جا وڻ درگاهه جي قديمي سونهن بڻيل بااثر ماڻهن غيرقانوني طور تي ويرائي وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ميون ملوڪ ۾ هي درگاهه مخدوم امام رح جي ارد گرد اولياءِ جي اوڳهڙ ڍڪڻ توڙي درگاهه جي ملڪيت ۾ اچڻ جي باوجود بااثر ماڻهو غيرقانوني طور تي مسلسل جار جو وڻ لالچ ۾ اچي ويرائي روز وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن جي خلاف حد جي ايس ايڇ او کي فوري طور تي ڪاروائي ڪري جار جي وڻن جي واڍي کي روڪرائي واڍي ڪيل وڻن کي اولياءِ جي ملڪيت ۾ بچائڻ لاءِ نوٽس وٺي وڻ واڍي ڪندڙن خلاف ايڪشن وٺي سزا ڏين قديمي درگاهه جي ملڪيت ۽ ايندڙ وڻن کي بچائڻ جا جوڳا قدم کڻي وڻن کي تحفظ پڻ ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ ميون ملوڪ جا ڳوٺاڻا سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا درگاهه مخدوم امام رح امن جو پيغام ڏنو آهي پيار ۽ امن جو درس ڏيندڙ عبادتگذارن جي وڻن جي واڍي ڪندڙن سخت دل آزاري ڪئي آهي جنهن جو فلفور ازالو ٿيڻ گهرجي

بقايا 10 ----

. جلسي جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي، جنهن بعد حضور جي شان ۾ نعتون ۽ حمد پيش ڪيون ويون ان موقعي تي علماءِ ڪرام مولانا اصغر علي طاهري مولانا حفيظ الرحمان حسيني مولانا ارباب علي سڪندري مولانا محمد عاقل تونيو ۽ ٻين ٻنهي جهانن جي سردار نبي ڪريم جي زندگي، سيرت طيبہ ۽ تعليمات تي خطاب ڪيو جلسي ۾ سوين ڳوٺاڻن سميت علائقي جا رهواسي وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي ترقي، سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون.

بقايا 11 ----

لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور بڻجي ويا آهن ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت بي يو بچاءَ بند ۽ ٻين جڳهن تي چوپائي مال سميت ٻاهر نڪرڻ لڳا آهن بندن جي مرمت نه ٿيڻ سبب بي يو بچاءَ بند جي انتهائي ڳڻتي جوڳي واري صورتحال بڻجي وئي آهي بند جي مرمت نه ٿيڻ سبب بند ۾ ڏار پئجي ويا آهن جنهن سبب بند ڪافي جڳهن تي ڪمزور نظر اچي رهيو آهي بند ڪي هنڌان هنڌان ڏار پوڻ سبب ٻوڏ جي صورت ۾ بند کي ڪنهن به جڳهه تان ٽٽڻ جا امڪان آهن تازين برساتن پوڻ سبب بند کي پيل ڪڏا ۽ روٽيون هڄڻ ڪري بند انتهائي خطرناڪ ثابت بڻجي سگهي ٿو جنهن سبب انتظاميا جي ٿوري به غلطي ۽ عدم دلچسپي سبب امڪاني ٻوڏ ٿيڻ جي صورت ۾ ساحلي پٽي لاءِ خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو جڏهن ته سب انجنيئر امجد شيخ ٻڌايو ته بند انتهائي مضبوط آهي بند کي ڪو به خطرو ناهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڻي پهچڻ ۾ اجان پنج ڇهه ڏينهن لڳي سگهن ٿا ان کي مڙي تعنات ڪيو ويو آهي سڄي زميواري اسٽور ڪيپر نظير ولهاري حوالي ٿيل آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ايس ڊي او ۽ انجنيئر ڪنهن ٽائيم ايندا آهن معائنو ڪري هليا ويندا آهن اگهور ننڊ ستل انتظاميا جي ڪن تي جونءِ نه ٿي سري انتظاميا کي گهرجي ته سنڌ سرڪار طرفان امڪاني ٻوڏ سبب لڳل ايمرجنسي دوران جوڳا قدم کڻي بند جي مرمت واري ڪم کي تيز ڪندي بند کي مضبوط بڻايو وڃي امڪاني ٻوڏ سبب بند کي لڳل روٽيون ڏار ۽ بند کي پيل ڪڏا هڄڻ ڪري پاڻي وڌڻ سبب بند کي ڪٽان به ٽٽڻ جا خدشا ٿي سگهن ٿا جڏهن ته اهڙي صورتحال مان معلوم ٿئي ٿو ته بند جي نگراني واري ذميواري ڪچهه بيلدارن ۽ چند داروغن ڪي سونپي وئي آهي بيلدارن جو چوڻ آهي ته انتظاميا طرفان سندن کي به سهولتون مهيا نه ڪيون وين آهن هنن جو چوڻ آهي ته انتظاميا نه انهن کي پتو ڏئي پئي ۽ نه ئي خرچ پکو ڏنو وڃي ٿو هنن ٻڌايو ته پاڻي جو ڪولر ٿرماس ۽ هنڌ بسترو به هو پنهنجي گهران کڻي آيا آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ماني ۽ چانهه به هنن کي پر پاسي وارا ڳوٺاڻا ڪارائيندا آهن بندن تي رهڻ سبب هنن کي اجان تائين مليريا کان بچڻ لاءِ مڇر دانيون به فراهم نه ڪيون ويون آهن سهولتن جي اڻ هوند سبب هو بندن تي مشڪل واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن مڇرن جي آزار سبب هو ويهي راتيون گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن ڊي سي ٺٽو سميت اعليٰ اختيارين کي گهرجي ته فورن بيلدارن ۽ داروغن کي ضرورت واريون شيون ميسر ڪري ڏنيون وڃن ته جيئن هو پنهنجي ڊيوٽي صحيح نموني سر انجام ڏئي سگهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ سرڪار کي گهرجي ته انتظاميا کي ايمرجنسي دوران پابندي سان هدايت ڪئي وڃي ته انتظامي مشنري سميت انتظاميا کي بندن تي رهڻ جو پابند بڻائڻ سان گڏ مرمت واري ڪم تيز ڪرائي بندن کي مظبوط بڻايو وڃي جيئن امڪاني ٻوڏ سبب ساحلي پٽي لاءِ بچاءَ بند نقصان ڪار ثابت ٿيڻ بجاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهن جنهن سبب امڪاني ٻوڏ جي صورت ۾ ساحلي پٽي جي علائقن لاءِ خطرو لاحق ٿيڻ بجاءِ جڏهن ته ساحلي پٽي جا ماڻهو مشڪلاتن جي صورتحال کان بچي سگهن.

بقايا 12 ----

. ٻين مهمانن ۾ پروفيسر قمرالدين ڪيريو، پروفيسر حسين رند، عطا محمد سيال ، اقبال پٽي ، غلام محمد راجپوت ، عبدالوهاب راجپوت ، غلام رسول ٻجورو، اخلاق وريام هئا ، پروگرام ۾ ڪاليج جي شاگردن محمد سهيل ، محمد يونس ، عزير حسين ٻجورو ، حماد جوٽيجو، محمد اويس تلاوت قران پاڪ ڪئي ، جڏهن ته ضياء الرحمان ، حسنين رضا ، اسرار شاهه، جان علي، منيب الحسن حسن نعت ۾ حصو ورتو، پروگرام جي خاص مهمان ملڪ امام الدين شوقين ، ۽ صدارت ڪندڙ پروفيسر محمد سليمان سيال ۽ ٻين ڪاليج جي شاگردن جي حسن قرعت ۽ حسن نعت جي واکاڻ ڪئي . انهن چيو ته اسان جي پياري نبي حضرت محمد صہ جي زندگي اسان لاءِ مشعل راهه آهي . انهن چيو ته جيڪو ماڻهو الله جي قران ۽ نبي سائين جن جي ڏسيل راهه تي هلندو ان جي دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي. انهن پروفيسر ياد حسين شيخ پاران بهترين پروگرام ڪرڻ تي سندس واکاڻ ڪئي

بقايا 13 ----

جي وڏي انگ ۾ شرڪت تفصيل موجب تعلقي شهر ڪنري لڳ سيد غلام مرتضي شاهه قلندري پاران جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليہ وآل وسلم جي سلسلي ۾ هر سال جيان سالانہ محفل ميلاد ڪثرت ورد درود پاڪ جي تقريب ڪنري لڳ سندس ڳوٺ سيدصديق محمدشاهه بستان ڪنري ۾ منعقد ڪئي وئي هين ايمان افروز محفل درود نعت ۾ سڄي سنڌ مان امان جيجي بي بي مني رح جي مريدن قلندرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هين نوراني محفل جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو ۽ محفل ميلاد ۾ شرڪت ڪندڙ عقيدت مندن طرفان ڪثرت سان درود پاڪ جو ورد ڪيو ويو جڏهين ته سيد غلام مرتضي شاڪاظمي قلندري خطاب ڪيو دعا گهري ڪرنل اصغر قريشي فرزند باني انجمن غلامان قلندر بابا سائين احمد علي قريشي سيرت سيد سردار آقاءِ دوجهان حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وآل وسلم جي سيرت طيبہ تي تفصيلي خطاب ڪيو ۽ دعا ڪئي جڏهن ته ملڪ جي مشهور ثناخوان نعت خوان اسرار احمد Qt ريحان احمد نعت پڙهي گل هائي عقيدت جا گل وڪيرا صوفي محمد صادق قلندري عمر فاروق چند قلندري زرعي يونورسٽي عمرڪوٽ جي وائيس چانسلر جن محمد مري ۽ پروفيسر ن شرڪت ڪي علائقي جي معززين ۽ ڪثير تعداد ۾ درگاهه جي مريدن عقيدتمندن ۽ انجمن غلامان قلندر جي دوستن شرڪت ڪئي هين ڪا اڳ ۾ درگاهه جيجان بي بي مني رح جي درگاهه تي حاضري پري چادر چاڙي ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ دعا پڻ گهري وئي تقريب جي آخر ۾ سڄي سنڌ مان آئيل مريدن عقيدت مندن قلندرين کي گر پڻ پيش ڪيوويو

بقايا 14 ----

وٺندي لاڳاپيل کاتن جو هنگامي اجلاس طلب ڪيو اجلاس ۾ ڊي اي او سيڪنڊري خصور بخش خاصخيلي ، ڊي اي او پرائمري نور سرائي، ضلعي اڪائونٽس آفيس جا عملدارن ۽ استادن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر واضح هدايتون ڏيندي چيو ته استادن جي پگهارن ۾ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪئي ويندي هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سمورين واجبات جي فوري ادائيگي يقيني بڻائي وڃي ته جيئن تدريسي عمل متاثر نه ٿئي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته استاد سماج جا معمار آهن ۽ انهن جا مالي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن _ ان موقعي تي لاڳاپيل عملدارن ڊپٽي ڪمشنر کي ٻڌايو ته 500 استادن جو ڊيٽابيس مڪمل ڪيو ويو آهي ، جڏهن ته باقي 147 استادن جو ڊيٽابيس ايندڙ هفتي تائين مڪمل ڪري ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد کي پيش ڪيو ويندو. جنهن بعد سندن پگهارن جو مسئلو حل ٿي ويندو استادن ڊپٽي ڪمشنر جي هن قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ايندڙ وقت ۾ ڪين پگهارن جي ادائيگيءَ ۾ ڪنهن به ڏکيائيءَ کي منهن نه ڏيڻو پوندو

بقايا 15 ----

۽ سرڪاري اعزاز بعد اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوام تحفظ ۽ حق سچ جي راهه تي شهادت ڏيندڙ جوان هميشه لاءِ زنده رهندا آهن. ايس ايس پي جيڪب آباد وڌيڪ چيو شهيد پوليس اهلڪار جي وارثن کي 2 نوڪريون ڏنيون وينديون ۽ شهيد پوليس اهلڪار جي اسان وارثن سان هر وقت گڏ آهيون شهيد پوليس جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي ۾ پوليس ڪارروايون جاري آهن جلد ملوث قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آڻينداسين ياد رهي ته گذريل ڏينهن گلشن معمار واري علائقي ۾ ڪار سوار هٿيار بندن پيپلز پارٽي اڳواڻ شاهده رحماني جي سيڪيورٽي گارڊ پوليس اهلڪار صدام حسين ملغاڻي کي گوليون هڻي شهيد ڪيو هو

بقايا 16 ----

. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار جي صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو جي سالگره جي تقريب صحافي ليڪ مختيار سنڌي پاران سنڌ پريس ڪلب ميهڙ ۾ ملهائي وئي. تقريب ۾ صحافين سنڌ پريس ڪلب ميهڙ صدر برڪت علي ڪوسو سينيئر نائب صدر راجا جان محمد جانوري، خزانچي عاشق علي ڪوسو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امتياز علي چانڊيو علي احمد هالو فاروق احمد ڏيپر، ڪرم علي ڏيپر، عوامي تحريڪ تعلقه ميهڙ صدر ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، ايڊووڪيٽ مشتاق احمد چانڊيو نائب صدر سيٺ گلزار چانڊيو نوجوان ايڪشن ڪاميٽي ميهڙ چيئرمين بابو عرف رجب ڪوسو صدر شيرخان ڪوسو، ڪاشف ڪوڪر فداحسين ڪمانگر، منل ڪمانگر، زوار عبدالقدير ڏهوٽ، مجاهد ڪوسو، امجد علي، اظهر علي، نظير احمد ڪوسو ، سنڌي شاگرد تحريڪ اڳواڻ عبدالڪريم چانڊيو ڊاڪٽر عبدالوحيد چانڊيو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍائي گلن جا هار پارائي گل نڇاور ڪري سندس کي جنم ڏينهن جي موقعي تي مبارڪون ڏنيون ويون. سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين وڪيلن منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ بار صدر ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سينيئر قانوندان منجهان هڪ آهي. سندس ڪردار جا ڪيترائي رخ آهن. شهر جي مسئلن جي جدوجهدي تحريڪن ۾ سندس جو ڪردار چمڪندڙ رهيو آهي. مقررينن خطاب ڪندي چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو بهترين شخصيت جا مالڪ آهن. جنهن تي جيترو ڳالهائجي اهو گهٽ آهي. هنن چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو هميشه مظلومن طبقي جي وڪالت ڪري انساني دلون کٽيون آهن. اهڙي شخصيت جو تعلق ميهڙ سان هجڻ اسان لاءِ اعزاز آهي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سالگره تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ليڪ صحافي مختيار سنڌي سميت سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جي سڀ جو انتهائي شڪرگذار آهيان جن سالگره تقريب منعقد ڪري مونکي مان بخشيو آهي. سنڌ پريس ڪلب ميهڙ هميشه شهر جي مسئلن تي پاڻ مڃايو آهي. ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ جي عوام سان مسلسل ساٿ رهيو آهي. شهر ۾ بدامني خلاف شهرين سان گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين تي صحافين جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي ڏينداسين. صحافي ظلم خلاف ۽ مظلوم طبقي جي حمايت ۾ لکي پنهنجو فرض نڀائن ٿا. ان موقعي تي تقريب ۾ آيل تمام سائين جو شڪريو ادا ڪيو ويو.

بقايا 17 ----

ڪراچي ۾ 82 سالن جي عمر ۾ ديهانت ڪري ويو آهي، سندس آخري رسمون ڪراچي ۾ ادا ڪيون ويون. آخري رسمن ۾ وڏي انگ ۾ لوهاڻه برادري جي معززين توڙي رشتيدارن شرڪت ڪئي، ٻئي پاسي ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي، انجنيئر گيان چند تاراڻي، صحافين ڪاٽائو جاني، تندلال لوهاڻو نظام سمون ۽ ٻين پيو ڪوٽڪ سان سندس والد جي ديهانت تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 18 ----

ڀهراڻي جي خلاف ڊي آءِ جي ميرپورخاص وٽ ڪيل درخواست تي ايس پي ٿرپارڪر ايس ايڇ او مٺي کي فوري طور تي معطل ڪري لائين حاضر ڪري ڇڏيو ۽ سي آءِ اي ٿرپارڪر جي انچارج مبارڪ راڄڙ کي ايس ايڇ او مٺي جي اضافي چارج ڏني وئي آهي. جڏهن ته هٽايل ايس ايڇ او قادر بخش ڀهراڻي معافي وٺڻ لاءِ سوڍي ڪولهڻ وٽ پهچي ويو.

بقايا 19 ----

محمود سومرو ٺٽو ۾ جلسي عام کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي ڌاڙيلن ۽ ڌوهي عنصرن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهو محفوظ ناهن، هر طرف لاقانونيت جو راڄ آهي، هن چيو ته سنڌ جي وسيلن جي لوٽ مار ڪئي پئي وڃي ۽ پاڻي تي به ڌاڙو هنيو پيو وڃي. مولانا راشد محمود سومرو جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ ۾ بک، بدحالي ۽ بيروزگاري عام آهي، عوام عدم تحفظ جو شڪار آهن. حڪمران خواب غفلت ۾ ستل آهن. جي يو آءِ اڳواڻ اعلان ڪيو ته سڀاڻي وزيراعليٰ هائوس آڏو ڌرڻو ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن حڪمرانن نوٽيس نه ورتو ته جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو، پارٽي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجتماع تاريخ جو سڀ کان وڏو امن مارچ ثابت ٿيندو.

بقايا 20 ----

ڪميٽيءَ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي رسول بخش رحيمداڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي تيمور خان ٽالپر جو فرزند شهمير ٽالپر، مولانا نظر محمد درس، ڊي سي آفيس پي اي مشتاق علي ڪنڀر، تيرٿ ساجن ميگهواڙ، نوجوان صحافي سورج ڪمار مالهي سميت وڏي تعداد ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ صحافين سروپ سنگ راٺوڙ هائوس پهچي مرحوم جي ننين پائرن چندن سنگ راٺوڙ، پيپلز پارٽي انفارميشن سيڪريٽري ضلع عمرڪوٽ گهنشام سنگ راٺوڙ، پونجراج سنگ راٺوڙ ۽ ٻين عزيزن سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو، ان موقعي تي نامور سماج سڌارڪ ۽ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي مئنيجمنٽ ڪميٽي جي چيئرمين رسول بخش رحيمداڻي خطاب ڪندي چيو ته مرحوم پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ هڪ بهادر، اصول پرست ۽ انسان دوست شخصيت هو، جيڪو دوستن ۽ سنگتين لاءِ سدائين يار ۽ مددگار رهيو، هن چيو ته راٺوڙ هائوس ۾ سدائين ڪچهريون هونديون هيون جتي مرحوم محفلن جي زينت بڻبو هو، رسول بخش رحيمداڻي وڌيڪ چيو ته سرڳواسي سروپ سنگ راٺوڙ کي به علائقي جا ماڻهون پنهنجو وڏو سمجهندا هئا، راٺوڙ خاندان ٻجير پاڙو، خاصخيلي پاڙو سميت سموري علائقي ۾ خدمت، مهمان نوازي ۽ اصول پسندي لاءِ سڃاتل آهي، شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ جي ديهانت کي علائقي لاءِ وڏو نقصان قرار ڏيندي سندس خانداني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 21 ----

آهي، جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف ضلعي ٺٽي جي مالوند ماڻهن جو چوڻ آهي ته جڏهن کان ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هسبينڊري ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ چارج سنڀالي آهي، تڏهن کان بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي سندن جانورن جو بهتر علاج ٿيڻ سان گڏ سندن گهرن تائين جانورن جي پالنا کاتي جون ٽيمون پهچي جانورن کي بيمارين کان اڳواٽ بچائڻ لاءِ ٽڪا لڳائي ويڪسين ڪري ڪين وڏ کان وڏ رليف مهيا ڪيو پيو وڃي، اهڙي بهترين آفيسرن کي بدلي ڪرڻ هتان جي مالوند ماڻهن سان وڏي زيادتي آهي، هنن گهر ڪئي ته فورن ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي بدلي روڪي ڪيس وڌيڪ وقت لاءِ مقرر ڪري اداري کي وڌيڪ مضبوط ڪري مالوند ماڻهن کي وڏ کان وڏ رليف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 22 ----

اسلام قبول ڪرائڻ خلاف پاڪستان دروڙا اتحاد جي چئيرمين فقير شيوارام ڪڇي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ميرپورخاص جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي پاڪستان دروڙا اتحاد جي چئيرمين فقير شيوارام ڪڇي نرمل ميگهواڙ ۽ انيتا جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ مهينو پهرئين انيتا کي عبدالرحمن ملاح گهران زبردستي کڻي اسلام قبول ڪرائي نڪاح ڪري ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ چائلڊ ميريج ايڪٽ جي تحت ايف آئي آر ٿيڻ کان پوءِ ايس ايڇ او سيٽلائيٽ ٽائون حق نواز جوڻيجو انيتا کي بازياب نه ڪرائي سگهيو اهي نه وري جوابدارن کي گرفتار ڪري رهيو آهي متاثرن ڊي آئي جي ميرپورخاص آيس آيس پي ميرپورخاص سميت وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي اسان جي ڇوڪرين بازياب ڪرائي ملوث جوابدارن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 23 ----

نعتون پڙهيون پروگرام ۾ سوين عاشقان رسول سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ حمد ۽ نعت شريف پڙهيون ويو پروگرام ۾ مولانا حاجي دوست محمد سڪندري جامع مسجد گرهوڙ شريف خطيب حافظ ممتاز خليلي سرت طيبہ تي روشني وجهندي چيو ته حضرت محمد جي آمد انسانيت لاءِ رحمت بڻجي آئي، اوهان جي تعليمات تي عمل سان ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي، پروگرام جي آخر خصوص دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 24 ----

تيار تيل گٽڪو هٿ ڪري ورتو 3 ٻين الاضلع گٽڪا خام مال سپلائرز گرفتار، ڪيس داخل تفصيل موجب رات دير سان ايس ايڇ او ٽاٽو ڪورواهه انسپيڪٽر محمد خان ڪلوئي ۽ اي ايس آئي لياقت علي دلواڻي اسٽاف سميت گولاڙچي روڊ تي چيڪنگ دوران هينو ٽرڪ JU_ 0005 مان 30 لکن روپين جي ماليت جو ڪاٿو ۽ 3000 هزار تيار تيل گٽڪو هٿ ڪري ورتو هينو ٽرڪ مان 80 بيگ (3000 ڪلو گرام) ڪاٿو هٿ ڪري ورتو جيڪو ديسي گٽڪي ناهڻ ۾ استعمال ٿيندو هو پوليس جي ڪاروائي جي دوران ڪراچي جا رهاڪشي 3 ملزم محمد يوسف شا.الطاف شاهه ۽ عبدالرشيد منڊرو کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ملزمن شروعاتي انٽروگيشن جي دوران پوليس کي ٻڌايو ته حاصل تيل خام مال مال ٽنڊو باگو جي سيٺ روي شنڪر کي سپلاءِ ڪرڻ وڃي رهيا هئاسين پوليس روي شنڪر سميت ٽنهي گرفتار ملزمن جي خلاف ٿاڻي ڪورواهه تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ تفتيش شروع ڪري ڏني

بقايا 25 ----

ٽا. پر تازو پيل برساتن بعد سندن ڳوٺ جي رهواسي جاڙو جاکرو ان زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي، جيڪو ڪين نه زمين تي وڃڻ ٿو ڏي ۽ نه ئي زمين آباد ڪرڻ ٿو ڏي، جنهن ڪري هو سخت پريشان آهن. هن چيو ته زمين آباد ڪرڻ لاءِ ٽريڪٽر گهرايو جيڪو به زمين مان زبردستي ڪيرائي ڇڏيو آهي، هن چيو ته ان زمين ڪانسواءِ وٽس گذر سفر جو ٻيو ڪو به وسيلو ناهي، جنهن تي پڻ جاڙو جاکرو قبضو ڪري اسانکي پنهنجي زمين تي به وڃڻ نٿو ڏي، ڪالهه پڻ هن هٿيارن جي نمائش ڪري اسانجي معصوم ٻارڙن کي خوفزد ڪيو اهي، جنهن ڪري نقصان جو انديشو آهي، هن چيو ته علائقي جي معززين سميت جهمپير پوليس کي به دانهون ڏنيون آهن، پر ڪين انصاف ملي ناهي سگهيو هن ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو، سيشن جج ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري سندس اباڻي زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي زمين سندن حوالي ڪري بااثر قبضاگير خلاف سخت ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندس.

بقايا 26 ----

جو غور سان معائنو ڪيو هن موقعي تي سيڪريٽري آبپاشي ظريف اقبال کهڙو، چيف انجنيئر ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به موجود هئا. وزير آبپاشي جام خان شورو جامشورو فرنٽ بند جو جديد D3 ميپنگ ۽ LiDAR سسٽم ذريعي جائزو ورتو جيئن بند جي جوڙجڪ ۽ پاڻي جي وهڪري بابت جامع ڊيٽا حاصل ڪري سگهجي. چيف انجنيئر سنڌ درياءَ جي ڪوٽڙي بيراج تي ممڪن سيلابي حالتن بابت وزير کي تفصيلي بريفنگ ڏني. بيان ڪيو ويو ته 19 ۽ 20 سيپٽمبر دوران ڪوٽڙي بيراج تي 4 کان ساڍا 4 لک ڪيوسيڪ پاڻي پهچڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته في الحال پاڻي جو وهڪرو لڳ ڀڳ 3 لک ڪيوسيڪ آهي، وزير آبپاشي جام خان شورو چيو ته صورتحال تي سخت نگراني جاري آهي ۽ سمورا آفيسر الرٽ آهن. هن مطابق، ڪوٽڙي بيراج تي موجوده وقت ۾ وچولي درجي جو ٻوڏ آهي پر ڪا به خطرو نه آهي. ماهرن ٻڌايو ته LiDAR ٽيڪنالاجي مدد سان زمين جي پروفائلنگ ۽ ڪمپريشن جو درست ۽ جديد ڊيٽا حاصل ٿيندو، جنهن سان بند جي مضبوطائي ۽ پاڻي جي وهڪري جي انتظام ۾ وڌيڪ بهتري ايندي. سنڌ حڪومت ٻوڏ جي صورتحال سان ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي جن ۾ بندن جي 24 ڪلاڪ نگراني، فوڪل پرسنز جي مقرري ۽ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن شامل آهن. وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن تحت مختلف لاڳاپيل ادارن کي هدايتون ڏنل آهن ته هر ممڪن خطري کي اڳواٽ روڪيو وڃي، جام خان شورو عوام کي اعتماد ڏياريو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثر علائقن ۾ هر قسم جي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ عوام جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا 27 ----

ويو آهي، جنهن سبب وبائي بيمارين تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳيون آهن. خاص طور تي مليريا جا ڪيس غيرمعمولي طور تي وڌي ويا آهن. جڏهن ته ٻين به ڪيترين ئي بيمارين جو خطرو وڌي ويو آهي علائقائي ماڻهن جو چوڻ آهي ته بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ مڇرن جي تمام گهڻي پاڙ سبب رات جو ننڊ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ٻارڙا، عورتون ۽ بزرگ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. مڇرن جي آزار سبب سرڪاري اسپتال ۽ نجي ڪلينڪون مريضن سان ڀرجي ويون آهن. جتي مليريا جا مريض روز بروز وڌي رهيا آهن جڏهن ته اهو به خطرناڪ انڪشاف ٿيو آهي ته خاص طور سرڪاري اسپتالن ۾ ڏيکاءَ آهي دوا به نه ٿي ملي سرنج به مريض ٻاهران ميڊيڪل اسٽورن تان خريد ڪرڻ تي پوي ڊاڪٽر اڪثر ويزا تي ويل آهن اسپتال انتظاميا دوا وڪرو ڪن ٿا مڪاني ماڻهن سماجي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مسلسل برساتن ڪانپوءِ نالين ۾ پاڻي بيهي رهيو آهي ۽ صفائي نه ٿيڻ ڪري مڇرن جي افزائش ۾ تيزي آئي آهي. ان سان گڏوگڏ رات جي وقت بجلي نه هجڻ ڪري حالتون وڌيڪ خراب ٿي رهيون آهن شهري حلقن پاران ٽائون ڪاميٽي ۽ رورل هيلٿ سينٽر جي انتظاميا کي پرزور اپيل ڪئي وئي آهي ته فوري طور تي مڇر مار اسپري شروع ڪيو وڃي نالين ۽ گٽرن جي صفائي ڪرائي وڃي اسپتالن ۾ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون وڃن مڪاني ماڻهن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن انتظاميا فوري قدم نه کنيا ته ايندڙ ڏينهن ۾ نه صرف مليريا پر ٻين خطرناڪ وبائي بيمارين ۾ به اضافو ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن سان انساني جاني نقصان جو خطرو وڌي سگهي ٿو شهرين سماجي اڳواڻن سينيئر پيرسيد ڪاظم علي شاهه لڪياري عوامي نمائندن ۽ انتظاميا کان مطالبو ڪن ٿا ته راڻيپور کي مڇرن جي آزار ۽ وڌندڙ وبائن کان نجات ڏيارڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. جڏهن ته ستي پريس ڪلب عوامي پريس ڪلب رانيپورجا صحافي آگاهي ڏيڻ جو بهترين انداز سان فرض نڀايو آهي جس لهڻا آهن

بقايا 28 ----

۾ عارضي رهائش اختيار ڪئي اهي، جتي ڪالهه سندس برادري جي خان ولد نور محمد ڏقراڻي پرائي زمين ۾ اسانجي جي چرندڙ چوپائي مال کي زبردستي زمين مان ڪڍي منهنجي پٽ قمر ڏقراڻي تي حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪرڻ سميت منهنجي پلوڙ ڍڳي جي هڪ ٽنگ ڀڃي ان کي به معذور بنائي ڇڏيو آهي، هن چيو ته هن پنهنجي زخمي پٽ قمر ڏقراڻي کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪرائي حملي آور خان ڏقراڻي ۽ سندس پٽن خلاف ڪينجهر ٿاڻي تي رپورٽ پڻ درج ڪرائي آهي، پر پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون پيا ڏين، جن مان ڪين وڌيڪ نقصان جو انديشو اهي، پوڙهيت محمد ابراهيم ڏقراڻي وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ساڻس انصاف ڪري سندس پٽ ۽ سندن ڍڳي کي زخمي ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ٿيل نقصان جو ازالو ڪرائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 29 ----

جي اڳواڻي ۾ ڪوٺائي وئي، گڏجاڻي ۾ واپاري اتحاد جي صدر جنگشاهي غلام مصطفيٰ خواجه،حاجي عبدالرشيد آرائين، رانا محمد اقبال، اڳوڻو ڪائونسلر غلام حيدر جاکرو، ظفر پليجو، عثمان جاکرو بصر جوکيو ۽ علائقي جا معزز ماڻهو وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن پنهنجي خطابن ۾ چيو ته: وقاص سنڌهي ئي علائقي جي ترقي ۽ خدمت لاءِ بهترين اميدوار آهي. اسان پنهنجي مڪمل اعتماد ۽ گڏيل سهڪار جو اعلان ڪريون ٿا. جنگشاهي جي تاجر برادري ۽ ماڻهن جو عزم آهي ته هو ايندڙ چونڊن ۾ وقاص سنڌهي کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪندا.

بقايا 30 ----

جڏهن ڀهريون فيض هلڻ شروع ٿيو ته اسان پڇا ڪئي ته مينيجر احمد سومرو ٻڌايو ته اوهان جا نالا ڪوائف پورا نه هئڻ ڪري رهجي ويا آهن توهان ٻي فيض ۾ فارم ڀريو مقصود ميمڻ ۽ شفيق احمد ڪٽي، شاهنواز، جيڪو يتيم ۽ بيروزگار آهي ان جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن منهنجا ڪاغذ مڪمل نه هئا ته ڪاغذ وٺڻ وقت سرسو وارن کي گهرجي ها مون کي چون ها آئون ڪاغذ جي رڪوائرمينٽ پوري ڪريان ها ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ پيا چون ڪاغذ مڪمل نه هئا ان دوران نه اسان کي ڪا فون آئي نه ڪنهن رابطو ڪيو جڏهن ته اسان بار بار پڇا ڪندا رهياسين ان دوران ڪاغذن جي مڪمل هئڻ جو پڻ ڪنهن ذڪر نه ڪيو شهر ۾ ۽ سوشل ميڊيا تي سرسو جي گرانٽ ۾ هلندڙ ڪرپشن جا پڻ چوٻول هلي رهيا آهن ته تي ڪان پنج لک جن ماڻهن ڏنا آهن انهن جا گرانٽ لاءِ نالا شارٽ لسٽ ڪيا ويا آهن سيشن جج بدين ڊي سي بدين ، يونائيٽڊ نيشن ، يورپين يونين ،پائيدار ، ٺونيدو تنظيمن کي اسان غريب نوجوان اپيل ڪريون ٿا ته سرسو گرانٽ ۾ ٿيندڙ ڪرپشن روڪي وڃي گرانٽ صرف حقدارن ۽ بي روزگار نوجوانن کي ڏنا وڃن ته جيئن يورپين يونين جي لون ڏيڻ جو اصل مقصد غربت گهٽائڻ عمل ۾ اچي سگهي بدين جي ايم پي اي ايم اين اي ضلعي چيئرمين کي پڻ اپيل آهي بي روزگار نوجوانن کي نوٽس ورتو وڃي

بقايا 31 ----

ٽائين پهچڻ تقريبا ناممڪن بڻجي ويو آهي، زبير گهانگرا چيو ته نالن جي تعمير نو دوران چوڙاري جي زمين ۽ رستن تي مٽي، مٽيريل ۽ مشينري پريل آهي جنهن جي نتيجي ۾ سيوريج جو پاڻي گڏ ٿي رهيو آهي ۽ بدبوءِ، ماحولياتي آلودگي ۽ بيمارين جي پکڙجڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي، ٻي طرف تعميراتي ڪم سبب سائيٽ جا اندريون رستا سخت متاثر ٿيا آهن ۽ ڪيترائي روڊ اهڙي حالت ۾ آهن جو ٽرڪ يا ٻيون گاڏيون ڪارخانن تائين نٿيون پهچي سگهن، هن صورتحال لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ جي عمل کي سخت متاثر ڪيو آهي جنهن سان صنعتي پيداوار ۽ واپاري سرگرميون شديد بحران جو شڪار ٿي ويون آهن، زبير گهانگرا چيو ته عام طور تي صنعتي علائقن ۾ اهڙي قسم جا وڏا منصوبا شروع ڪرڻ کان اڳ متبادل انتظام ڪيا ويندا آهن ته جيئن معمول جا ڪم متاثر نه ٿين، پر بدقسمتي سان سائيٽ حيدرآباد ۾ اهڙو ڪو به انتظام نه ڪيو ويو آهي، انتظاميا ۽ ٺيڪيدارن جي هن غفلت سبب پورو صنعتي نظام مفلوج ٿي ويو آهي، ڪارخانن جي پيداوار بند ٿي وئي آهي، ملازمن جي اچ وڃ ڏکيو ٿي وئي آهي، خام مال جي سپلاءِ ۽ شين جي ترسيل متاثر ٿي آهي ۽ ان جا سڌا اثر مقامي معيشت ۽ واپاري طبقي تي پئي رهيا آهن، چيئرمين سائيٽ زبير گهانگرا چيو ته اسان لاڳاپيل اختيارين کان پرزور مطالبو ڪريون ٿا ته فوري طور تي متبادل رستا مهيا ڪرڻ جا قدم کنيا وڃن ته جيئن ٽرانسپورٽ ۽ صنعتي سرگرميون بحال ٿي سگهن، تعميراتي ٺيڪيدارن کي هدايت ڪئي وڃي ته نالن جي مرمت دوران رستا بند ڪرڻ کان اڳ ڪارخانن جي داخلا ۽ اخراج لاءِ عارضي بندوبست فراهم ڪن، انتظاميا پڻ هي يقيني بڻائي ته ڪم دوران نيڪاسي آب، صفائي سٿرائي ۽ ماحولياتي تحفظ جا مؤثر انتظام ڪيا وڃن، جڏهن ته متاثر ٿيل رستن جي مرمت ۽ بحالي جو عمل هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي، زبير گهانگرا آخر ۾ چيو ته سائيٽ صنعتي علائقي جي سرگرمين جي رواني ملڪ جي معيشت لاءِ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، جيڪڏهن هي سلسلو اهڙي ريت معطل رهيو ته نه صرف صنعتي پيداوار متاثر ٿيندي پر ملازمتن، ترسيل جي نظام ۽ صارفين تائين مصنوعات پهچائڻ جي عمل تي به منفي اثر پوندو، اسين حڪومت سنڌ ۽ سيني لاڳاپيل کاتن کي اپيل ڪريون ٿا ته هن مسئلي کي فوري ترجيح ڏني وڃي ۽ بروقت قدمن سان صنعتڪارن ۽ مزدورن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کي ختم ڪيو وڃي.

بقايا 32 ----

نعت خوان شاهند نعتون پڙهيون پروگرام ۾ سوين عاشقان رسول سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ حمد ۽ نعت شريف پڙهيون ويو پروگرام ۾ مولانا مولان بابا عسمان شهباز جامع مسجد خطيب بابا عسمان سرت طيبہ تي روشني وجهندي چيو ته حضرت محمد جي آمد انسانيت لاءِ رحمت بڻجي آئي، اوهان جي تعليمات تي عمل سان ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي، پروگرام جي آخر خصوص دعا پڻ گهري وئي

بقايا 33 ----

تقريب ۾ ٻارن قومي ملي نغمان ۽ ٽيبلو پيش ڪيا ۽ ان موقعي تي ڳالهائيندي ذوالفقار قلبوٽو مقصود احمد ميتلو عطا حسين ٽنيو ڪامران پيو فائزا تمراڻي شگفته ميتلو فائزا شيخ عليزا ميمڻ گلزار قل عزرا شيخ سويرا ميتلو ۽ ٻين چيو ته ملڪ جو دفاع مظبوط هٿن ۾ آهي هنن وڌيڪ چيو ته هي ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته پاڪستان جي حفاظت ۽ ترقي اسان جي سڀ کان وڏي زميواري آهي، هنن وڌيڪ چيو ته شهيدن جو خون رنگ لاهيندو ۽ پاڪستان هميشه قائم ۽ دائم رهندو، آخر ۾ هڪ ڏي هڪ وڻ جي نالي سان ملڪ ۾ وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ ڳوٺ ماستر درمحمد ميتلو ۾ ٻوٽا لڳائيا ويا ۽ انهن کي وڻن جي اهميت حفاظت جي باري ۾ آگاهه ڪيو ويو.

بقايا 34 ----

ڳوٺ جي رهواسڻ 12 سالن جي نياڻي پينا ڌيءُ پرين برفت خوني کڏ ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي وئي، ڳوٺ پرسان کي ڪورن پاران کوٽيل کوٽن ۾ تازين برساتن جو پاڻي ڀريل هو. جنهن ۾ نياڻي پاڻي ڀرڻ دوران پير ترڪڻ سبب ڪري پئي ۽ ٻڏي وئي، ٽن ڪلاڪن کان پوءِ ڳوٺاڻن سندس لاش گولي ڪڍي وارثن حوالي ڪيو. ڳوٺ جي چڱي مڙس وڏيرو برفت ٻڌايو ته برساتن سبب رستا مڪمل تباهه ٿي ويا آهن. جنهن ڪري اسپتال تائين به رسائي ناممڪن ٿي وئي، ۽ نياڻي جي زندگي بچائي نه سگهيا. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ سڄو ڳوٺ سوڳوار ٿي ويو.

بقايا 35 ----

اسلام قبول ڪرائڻ خلاف پاڪستان دروڙا اتحاد جي چئيرمين فقير شيوارام ڪڇي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ميرپورخاص جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي پاڪستان دروڙا اتحاد جي چئيرمين فقير شيوارام ڪڇي نرمل ميگهواڙ ۽ انيتا جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ مهينو پهرئين انيتا کي عبدالرحمن ملاح گهران زبردستي کڻي اسلام قبول ڪرائي نڪاح ڪري ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ چائلڊ ميريج ايڪٽ جي تحت ايف آئي آر ٿيڻ کان پوءِ ايس ايڇ او سيٽلائيٽ ٽائون حق نواز جوڻيجو انيتا کي بازياب نه ڪرائي سگهيو اهي نه وري جوابدارن کي گرفتار ڪري رهيو آهي متاثرن ڊي آئي جي ميرپورخاص آيس آيس پي ميرپورخاص سميت وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي اسان جي ڇوڪرين بازياب ڪرائي ملوث جوابدارن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 36 ----

اين.شاهه تعلقي جي ڪاڇي واري ڳوٺ سالاري جو رهواسي عبدالجبار ڳاڏهي کي سندس پنهنجي ويجهي عزيز عبدالنبي ڳاڏهي پستل جون سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو بعد ۾ جوابدار هوائي فائرنگ ڪري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ته موجود ماڻهن ۽ مال جي واپارين جوابدار کي ڊوڙائي ڊوڙائي پڪڙي ورتو پوليس اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي نيو ويو. جڏهن ته واقعي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان عبدالجبار ولد سوز علي ڳاڏهي کي تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو اطلاع تي ڳاڏهي برادري ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا. ڊي.ايس.پي ميهڙ معشوق علي ڪيريو تعلقه اسپتال ميهڙ پهچي تفصيل ورتا. ابتدائي جاچ ۾ واقعو قاتل ۽ مقتول وچ ۾ ذاتي رنجش سبب پيش اچڻ ظاهر ٿيو آهي. ان حوالي سان وڌيڪ قانوني ڪاروائي ۽ جاچ عمل ۾ آندي پئي وڃي. قتل ٿي ويل مال جي واپاري جي پڦات شاهد حسين ڳاڏهي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين مال پڙي تي جانور وٺڻ آيا هئاسين مقتول کي سندس پنهنجا ئي ويجها رشتيدارن قتل ڪيو آهي. ڏرين ۾ ڦهريان به ڏند چڪ ٿيل هئي. ڊي.ايس.پي ميهڙ چيو ته جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن وڌيڪ قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. جڏهن ته پوليس ڪاروائي ڪندي واقعي ڪتب آندل هٿيار هٿ ڪري جوابدار کي لاڪپ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کي فوري قانوني ڪاروائي ۽ شفاف جاچ ڪري متاثر ڌر کي انصاف ڏيارڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي

بقايا 37 ----

. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار جي صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو جي سالگره جي تقريب صحافي ليڪ مختيار سنڌي پاران سنڌ پريس ڪلب ميهڙ ۾ ملهائي وئي. تقريب ۾ صحافين سنڌ پريس ڪلب ميهڙ صدر برڪت علي ڪوسو سينيئر نائب صدر راجا جان محمد جانوري، خزانچي عاشق علي ڪوسو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امتياز علي چانڊيو علي احمد هالو فاروق احمد ڏيپر، ڪرم علي ڏيپر، عوامي تحريڪ تعلقه ميهڙ صدر ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، ايڊووڪيٽ مشتاق احمد چانڊيو نائب صدر سيٺ گلزار چانڊيو نوجوان ايڪشن ڪاميٽي ميهڙ چيئرمين بابو عرف رجب ڪوسو صدر شيرخان ڪوسو، ڪاشف ڪوڪر فداحسين ڪمانگر، منل ڪمانگر، زوار عبدالقدير ڏهوٽ، مجاهد ڪوسو، امجد علي، اظهر علي، نظير احمد ڪوسو ، سنڌي شاگرد تحريڪ اڳواڻ عبدالڪريم چانڊيو ڊاڪٽر عبدالوحيد چانڊيو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍائي گلن جا هار پارائي گل نڇاور ڪري سندس کي جنم ڏينهن جي موقعي تي مبارڪون ڏنيون ويون. سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين وڪيلن منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ بار صدر ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سينيئر قانوندان منجهان هڪ آهي. سندس ڪردار جا ڪيترائي رخ آهن. شهر جي مسئلن جي جدوجهدي تحريڪن ۾ سندس جو ڪردار چمڪندڙ رهيو آهي. مقررينن خطاب ڪندي چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو بهترين شخصيت جا مالڪ آهن. جنهن تي جيترو ڳالهائجي اهو گهٽ آهي. هنن چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو هميشه مظلومن طبقي جي وڪالت ڪري انساني دلون کٽيون آهن. اهڙي شخصيت جو تعلق ميهڙ سان هجڻ اسان لاءِ اعزاز آهي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سالگره تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ليڪ صحافي مختيار سنڌي سميت سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جي سڀ جو انتهائي شڪرگذار آهيان جن سالگره تقريب منعقد ڪري مونکي مان بخشيو آهي. سنڌ پريس ڪلب ميهڙ هميشه شهر جي مسئلن تي پاڻ مڃايو آهي. ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ جي عوام سان مسلسل ساٿ رهيو آهي. شهر ۾ بدامني خلاف شهرين سان گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين تي صحافين جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي ڏينداسين. صحافي ظلم خلاف ۽ مظلوم طبقي جي حمايت ۾ لکي پنهنجو فرض نڀائن ٿا. ان موقعي تي تقريب ۾ آيل تمام سائين جو شڪريو ادا ڪيو ويو

بقايا 38 ----

ڪميٽيءَ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي رسول بخش رحيمداڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي تيمور خان ٽالپر جو فرزند شهمير ٽالپر، مولانا نظر محمد درس، ڊي سي آفيس پي اي مشتاق علي ڪنڀر، تيرٿ ساجن ميگهواڙ، نوجوان صحافي سورج ڪمار مالهي سميت وڏي تعداد ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ صحافين سروپ سنگ راٺوڙ هائوس پهچي مرحوم جي ننين پائرن چندن سنگ راٺوڙ، پيپلز پارٽي انفارميشن سيڪريٽري ضلع عمرڪوٽ گهنشام سنگ راٺوڙ، پونجراج سنگ راٺوڙ ۽ ٻين عزيزن سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو، ان موقعي تي نامور سماج سڌارڪ ۽ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي مئنيجمنٽ ڪميٽي جي چيئرمين رسول بخش رحيمداڻي خطاب ڪندي چيو ته مرحوم پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ هڪ بهادر، اصول پرست ۽ انسان دوست شخصيت هو، جيڪو دوستن ۽ سنگتين لاءِ سدائين يار ۽ مددگار رهيو، هن چيو ته راٺوڙ هائوس ۾ سدائين ڪچهريون هونديون هيون جتي مرحوم محفلن جي زينت بڻبو هو، رسول بخش رحيمداڻي وڌيڪ چيو ته سرڳواسي سروپ سنگ راٺوڙ کي به علائقي جا ماڻهون پنهنجو وڏو سمجهندا هئا، راٺوڙ خاندان ٻجير پاڙو، خاصخيلي پاڙو سميت سموري علائقي ۾ خدمت، مهمان نوازي ۽ اصول پسندي لاءِ سڃاتل آهي، شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ جي ديهانت کي علائقي لاءِ وڏو نقصان قرار ڏيندي سندس خانداني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 39 ----

ويو آهي، جنهن سبب وبائي بيمارين تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳيون آهن. خاص طور تي مليريا جا ڪيس غيرمعمولي طور تي وڌي ويا آهن. جڏهن ته ٻين به ڪيترين ئي بيمارين جو خطرو وڌي ويو آهي علائقائي ماڻهن جو چوڻ آهي ته بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ مڇرن جي تمام گهڻي پاڙ سبب رات جو ننڊ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ٻارڙا، عورتون ۽ بزرگ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. مڇرن جي آزار سبب سرڪاري اسپتال ۽ نجي ڪلينڪون مريضن سان ڀرجي ويون آهن. جتي مليريا جا مريض روز بروز وڌي رهيا آهن جڏهن ته اهو به خطرناڪ انڪشاف ٿيو آهي ته خاص طور سرڪاري اسپتالن ۾ ڏيکاءَ آهي دوا به نه ٿي ملي سرنج به مريض ٻاهران ميڊيڪل اسٽورن تان خريد ڪرڻ تي پوي ڊاڪٽر اڪثر ويزا تي ويل آهن اسپتال انتظاميا دوا وڪرو ڪن ٿا مڪاني ماڻهن سماجي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مسلسل برساتن ڪانپوءِ نالين ۾ پاڻي بيهي رهيو آهي ۽ صفائي نه ٿيڻ ڪري مڇرن جي افزائش ۾ تيزي آئي آهي. ان سان گڏوگڏ رات جي وقت بجلي نه هجڻ ڪري حالتون وڌيڪ خراب ٿي رهيون آهن شهري حلقن پاران ٽائون ڪاميٽي ۽ رورل هيلٿ سينٽر جي انتظاميا کي پرزور اپيل ڪئي وئي آهي ته فوري طور تي مڇر مار اسپري شروع ڪيو وڃي نالين ۽ گٽرن جي صفائي ڪرائي وڃي اسپتالن ۾ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون وڃن مڪاني ماڻهن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن انتظاميا فوري قدم نه کنيا ته ايندڙ ڏينهن ۾ نه صرف مليريا پر ٻين خطرناڪ وبائي بيمارين ۾ به اضافو ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن سان انساني جاني نقصان جو خطرو وڌي سگهي ٿو شهرين سماجي اڳواڻن سينيئر پيرسيد ڪاظم علي شاهه لڪياري عوامي نمائندن ۽ انتظاميا کان مطالبو ڪن ٿا ته راڻيپور کي مڇرن جي آزار ۽ وڌندڙ وبائن کان نجات ڏيارڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. جڏهن ته ستي پريس ڪلب عوامي پريس ڪلب رانيپورجا صحافي آگاهي ڏيڻ جو بهترين انداز سان فرض نڀايو آهي جس لهڻا آهن

بقايا 40 ----

اين.شاهه تعلقي جي ڪاڇي واري ڳوٺ سالاري جو رهواسي عبدالجبار ڳاڏهي کي سندس پنهنجي ويجهي عزيز عبدالنبي ڳاڏهي پستل جون سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو بعد ۾ جوابدار هوائي فائرنگ ڪري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ته موجود ماڻهن ۽ مال جي واپارين جوابدار کي ڊوڙائي ڊوڙائي پڪڙي ورتو پوليس اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي نيو ويو. جڏهن ته واقعي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان عبدالجبار ولد سوز علي ڳاڏهي کي تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو اطلاع تي ڳاڏهي برادري ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا. ڊي.ايس.پي ميهڙ معشوق علي ڪيريو تعلقه اسپتال ميهڙ پهچي تفصيل ورتا. ابتدائي جاچ ۾ واقعو قاتل ۽ مقتول وچ ۾ ذاتي رنجش سبب پيش اچڻ ظاهر ٿيو آهي. ان حوالي سان وڌيڪ قانوني ڪاروائي ۽ جاچ عمل ۾ آندي پئي وڃي. قتل ٿي ويل مال جي واپاري جي پڦات شاهد حسين ڳاڏهي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين مال پڙي تي جانور وٺڻ آيا هئاسين مقتول کي سندس پنهنجا ئي ويجها رشتيدارن قتل ڪيو آهي. ڏرين ۾ ڦهريان به ڏند چڪ ٿيل هئي. ڊي.ايس.پي ميهڙ چيو ته جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن وڌيڪ قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. جڏهن ته پوليس ڪاروائي ڪندي واقعي ڪتب آندل هٿيار هٿ ڪري جوابدار کي لاڪپ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کي فوري قانوني ڪاروائي ۽ شفاف جاچ ڪري متاثر ڌر کي انصاف ڏيارڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي

بقايا 41 ----

. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار جي صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو جي سالگره جي تقريب صحافي ليڪ مختيار سنڌي پاران سنڌ پريس ڪلب ميهڙ ۾ ملهائي وئي. تقريب ۾ صحافين سنڌ پريس ڪلب ميهڙ صدر برڪت علي ڪوسو سينيئر نائب صدر راجا جان محمد جانوري، خزانچي عاشق علي ڪوسو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امتياز علي چانڊيو علي احمد هالو فاروق احمد ڏيپر، ڪرم علي ڏيپر، عوامي تحريڪ تعلقه ميهڙ صدر ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، ايڊووڪيٽ مشتاق احمد چانڊيو نائب صدر سيٺ گلزار چانڊيو نوجوان ايڪشن ڪاميٽي ميهڙ چيئرمين بابو عرف رجب ڪوسو صدر شيرخان ڪوسو، ڪاشف ڪوڪر فداحسين ڪمانگر، منل ڪمانگر، زوار عبدالقدير ڏهوٽ، مجاهد ڪوسو، امجد علي، اظهر علي، نظير احمد ڪوسو ، سنڌي شاگرد تحريڪ اڳواڻ عبدالڪريم چانڊيو ڊاڪٽر عبدالوحيد چانڊيو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍائي گلن جا هار پارائي گل نڇاور ڪري سندس کي جنم ڏينهن جي موقعي تي مبارڪون ڏنيون ويون. سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين وڪيلن منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ بار صدر ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سينيئر قانوندان منجهان هڪ آهي. سندس ڪردار جا ڪيترائي رخ آهن. شهر جي مسئلن جي جدوجهدي تحريڪن ۾ سندس جو ڪردار چمڪندڙ رهيو آهي. مقررينن خطاب ڪندي چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو بهترين شخصيت جا مالڪ آهن. جنهن تي جيترو ڳالهائجي اهو گهٽ آهي. هنن چيو ته ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو هميشه مظلومن طبقي جي وڪالت ڪري انساني دلون کٽيون آهن. اهڙي شخصيت جو تعلق ميهڙ سان هجڻ اسان لاءِ اعزاز آهي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو سالگره تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ليڪ صحافي مختيار سنڌي سميت سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جي سڀ جو انتهائي شڪرگذار آهيان جن سالگره تقريب منعقد ڪري مونکي مان بخشيو آهي. سنڌ پريس ڪلب ميهڙ هميشه شهر جي مسئلن تي پاڻ مڃايو آهي. ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ جي عوام سان مسلسل ساٿ رهيو آهي. شهر ۾ بدامني خلاف شهرين سان گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين تي صحافين جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي ڏينداسين. صحافي ظلم خلاف ۽ مظلوم طبقي جي حمايت ۾ لکي پنهنجو فرض نڀائن ٿا. ان موقعي تي تقريب ۾ آيل تمام سائين جو شڪريو ادا ڪيو ويو

بقايا 42 ----

ڪميٽيءَ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي رسول بخش رحيمداڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي تيمور خان ٽالپر جو فرزند شهمير ٽالپر، مولانا نظر محمد درس، ڊي سي آفيس پي اي مشتاق علي ڪنڀر، تيرٿ ساجن ميگهواڙ، نوجوان صحافي سورج ڪمار مالهي سميت وڏي تعداد ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ صحافين سروپ سنگ راٺوڙ هائوس پهچي مرحوم جي ننين پائرن چندن سنگ راٺوڙ، پيپلز پارٽي انفارميشن سيڪريٽري ضلع عمرڪوٽ گهنشام سنگ راٺوڙ، پونجراج سنگ راٺوڙ ۽ ٻين عزيزن سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو، ان موقعي تي نامور سماج سڌارڪ ۽ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي مئنيجمنٽ ڪميٽي جي چيئرمين رسول بخش رحيمداڻي خطاب ڪندي چيو ته مرحوم پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ هڪ بهادر، اصول پرست ۽ انسان دوست شخصيت هو، جيڪو دوستن ۽ سنگتين لاءِ سدائين يار ۽ مددگار رهيو، هن چيو ته راٺوڙ هائوس ۾ سدائين ڪچهريون هونديون هيون جتي مرحوم محفلن جي زينت بڻبو هو، رسول بخش رحيمداڻي وڌيڪ چيو ته سرڳواسي سروپ سنگ راٺوڙ کي به علائقي جا ماڻهون پنهنجو وڏو سمجهندا هئا، راٺوڙ خاندان ٻجير پاڙو، خاصخيلي پاڙو سميت سموري علائقي ۾ خدمت، مهمان نوازي ۽ اصول پسندي لاءِ سڃاتل آهي، شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ جي ديهانت کي علائقي لاءِ وڏو نقصان قرار ڏيندي سندس خانداني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 43 ----

پنهنجي مدد پاڻ تحت بي يو بچاءَ بند ۽ ٻين جڳهن تي چوپائي مال سميت ٻاهر نڪرڻ لڳا آهن بندن جي مرمت نه ٿيڻ سبب بي يو بچاءَ بند جي انتهائي ڳڻتي جوڳي واري صورتحال بڻجي وئي آهي بند جي مرمت نه ٿيڻ سبب بند ۾ ڏار پئجي ويا آهن جنهن سبب بند ڪافي جڳهن تي ڪمزور نظر اچي رهيو آهي بند ڪي هنڌان هنڌان ڏار پوڻ سبب ٻوڏ جي صورت ۾ بند کي ڪنهن به جڳهه تان ٽٽڻ جا امڪان آهن تازين برساتن پوڻ سبب بند کي پيل ڪڏا ۽ روٽيون هڄڻ ڪري بند انتهائي خطرناڪ ثابت بڻجي سگهي ٿو جنهن سبب انتظاميا جي ٿوري به غلطي ۽ عدم دلچسپي سبب امڪاني ٻوڏ ٿيڻ جي صورت ۾ ساحلي پٽي لاءِ خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو جڏهن ته سب انجنيئر امجد شيخ ٻڌايو ته بند انتهائي مضبوط آهي بند کي ڪو به خطرو ناهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڻي پهچڻ ۾ اجان پنج ڇهه ڏينهن لڳي سگهن ٿا ان کي مڙي تعنات ڪيو ويو آهي سڄي زميواري اسٽور ڪيپر نظير ولهاري حوالي ٿيل آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ايس ڊي او ۽ انجنيئر ڪنهن ٽائيم ايندا آهن معائنو ڪري هليا ويندا آهن اگهور ننڊ ستل انتظاميا جي ڪن تي جونءِ نه ٿي سري انتظاميا کي گهرجي ته سنڌ سرڪار طرفان امڪاني ٻوڏ سبب لڳل ايمرجنسي دوران جوڳا قدم کڻي بند جي مرمت واري ڪم کي تيز ڪندي بند کي مضبوط بڻايو وڃي امڪاني ٻوڏ سبب بند کي لڳل روٽيون ڏار ۽ بند کي پيل ڪڏا هڄڻ ڪري پاڻي وڌڻ سبب بند کي ڪٽان به ٽٽڻ جا خدشا ٿي سگهن ٿا جڏهن ته اهڙي صورتحال مان معلوم ٿئي ٿو ته بند جي نگراني واري ذميواري ڪچهه بيلدارن ۽ چند داروغن ڪي سونپي وئي آهي بيلدارن جو چوڻ آهي ته انتظاميا طرفان سندن کي به سهولتون مهيا نه ڪيون وين آهن هنن جو چوڻ آهي ته انتظاميا نه انهن کي پتو ڏئي پئي ۽ نه ئي خرچ پکو ڏنو وڃي ٿو هنن ٻڌايو ته پاڻي جو ڪولر ٿرماس ۽ هنڌ بسترو به هو پنهنجي گهران کڻي آيا آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ماني ۽ چانهه به هنن کي پر پاسي وارا ڳوٺاڻا ڪارائيندا آهن بندن تي رهڻ سبب هنن کي اجان تائين مليريا کان بچڻ لاءِ مڇر دانيون به فراهم نه ڪيون ويون آهن سهولتن جي اڻ هوند سبب هو بندن تي مشڪل واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن مڇرن جي آزار سبب هو ويهي راتيون گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن ڊي سي ٺٽو سميت اعليٰ اختيارين کي گهرجي ته فورن بيلدارن ۽ داروغن کي ضرورت واريون شيون ميسر ڪري ڏنيون وڃن ته جيئن هو پنهنجي ڊيوٽي صحيح نموني سر انجام ڏئي سگهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ سرڪار کي گهرجي ته انتظاميا کي ايمرجنسي دوران پابندي سان هدايت ڪئي وڃي ته انتظامي مشنري سميت انتظاميا کي بندن تي رهڻ جو پابند بڻائڻ سان گڏ مرمت واري ڪم تيز ڪرائي بندن کي مظبوط بڻايو وڃي جيئن امڪاني ٻوڏ سبب ساحلي پٽي لاءِ بچاءَ بند نقصان ڪار ثابت ٿيڻ بجاءِ ڪارآمد ثابت ٿي

تعلقي ڪنري ۾ سيد غلام مرتضيٰ شاهه قلندري پاران نوراني محفل جو شاندار انعقاد

عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ صديق محمد شاهه بُستان ڳوٺ ۾ روح پرور ميلاد جي تقريب

سڄي سنڌ مان قلندرين ۽ عقيدت مندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، درود ۽ نعتن جا روحاني رنگ

جيجان بي بي مني رح جي درگاهه تي چادر چاڙهي ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ دعا

عمرڪوٽ (رپورٽر) تعلقي شهرڪنري لڳ سيد غلام مرتضيٰ شاهه قلندري ڪاظمي پاران سندس ڳوٺ صديق محمد شاهه بستان ۾ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآل وسلم جي سلسلي ۾ سالانہ نوراني محفل جو انعقاد ڪيو ويو ۽ جيجان بيبي مني رح جي درگاهه تي حاضري ري چادر چاڙهي وئي ۽ دعا گهري وئي جڏهين تہ سنڌ جي مختلف علائقن مان عقيدت مندن قلندرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار صدام حسين ملغاڻي جو جنازو ڳڙهي خيرو ۾ ادا

ايس ايس پي جيڪب آباد سميت آفيسرن ۽ وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي، مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ايس ايس پي چيو تہ شهيدن جا نالا هميشہ زنده رهندا، وارثن کي 2 نوڪريون ڏنيون وينديون

قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي ۾ پوليس ڪارروايون جاري، جلد جوابدار قانون جي گرفت ۾ آڻينداسين: ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ

ڳڙهي خيرو (رپورٽ:مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ڪراچي جي علائقي گلشن معمار واري علائقي ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ڳڙهي خيرو تعلقي جو واسي پوليس صدام حسين ملغاڻي جي جنازا نماز ادا ڪئي وئي شهيد پوليس اهلڪار جي جنازا نماز ۾ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ سميت پوليس آفيسرن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڳڙهي خيرو: ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ميهڙ ۾ ڊسٽرڪٽ بار صدر ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو جي سالگره تقريب

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ- ڊسٽرڪٽ بار صدر سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عبدالخالق ٻگهيو جي سالگره تقريب سنڌ پريس ڪلب ميهڙ ۾ ٿي گذري. سندس کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍائي گلن جا هار پارائي واڌايون ڏنيون ويون. تقريب ۾ تمام سياسي سماجي اڳواڻن صحافين وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جي يو آءِ جو امن مارچ قافلو ڪندڪوٽ کان ٺٽو مان گذري ڪراچي روانو

مڪلي، گجو، گهارو ۽ دابيجي ۾ قافلي جو شاندار استقبال ڪيو ويو

سنڌ لاقانونيت، لوٽ مار ۽ پاڻي جي ڪوٽ سبب تباهه ٿي وئي آهي: مولانا راشد محمود سومرو

وزيراعليٰ هائوس آڏو ڌرڻي جو اعلان، ڪراچي ۾ سڀ کان وڏو امن مارچ ٿيندو: اڳواڻ

ٺٽو (واحد شورو) جي يو آءِ جو امن مارچ قافلو ڪندڪوٽ کان نڪري مولانا راشد محمود سومرو جي اڳواڻي ۾ ٺٽو مان مليرڪراچي روانو ٿي ويو، قافلي جو مڪلي، گجو، گهارو ۽ دابيجي ۾ شاندار استقبال ڪيو ويو، ان موقعي تي مولانا راشد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومر مارچي کي خطاب ڪندي

عمرڪوٽ ۾ اڳوڻي سپرينٽنڊنٽ سيشن ڪورٽ پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ جي ديهانت تي تعزيتون جاري

عمرڪوٽ (محمد ٻچل) عمرڪوٽ جي اڳوڻي سپرينٽنڊنٽ سيشن ڪورٽ پرتاب راءِ سنگ راٺوڙ جي ديهانت تي سندس تڏي سروپ سنگ راٺوڙ هائوس تي تعزيت لاءِ سياسي، سماجي، صحافتي ۽ شهري حلقن جي آمد جو سلسلو جاري آهي. تفصيل موجب چيئرمين ضلع ڪائونسل عمرڪوٽ حاجي بقا پلي، چيئرمين مينيجمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

پٿورو پرسان سٽون ميل موري ۾ نهڙي برادري پاران جشن ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جو شاندار پروگرام

سوين عاشقان رسول جي شرڪت، نعت خوان مير محمد نهڙي سونهن پريون نعتون پيش ڪيون

حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي آمد انسانيت لاءِ رحمت بڻجي آئي: مولانا حاجي دوست محمد سڪندري

عمرڪوٽ(محمد ٻچل) پٿورو پرسان سٽون ميل موري ۾ نهڙي برادري پاران جشن ميلادالنبي جو شاندار پروگرام، منقد ڪيو ويو تفصيل موجب پٿورو پرسان سٽون ميل اسٽاپ تي نهڙي برادري پاران حضرت محمد مصطفیٰ جي ولادت باسعادت جي موقعي تي شاندار ۽ پرجوش جشن ميلادالنبي جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪيو گهوسريف جي بهترين نعت خوان مير محمد نهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهمپير لڳ پورهيت قربان جاکرو زمين تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف ٺٽي ۾ احتجاج

برساتي زمين تي ڳوٺاڻو جاڙو جاکرو قبضو ڪري آباد ڪرڻ نہ ٿو ڏي: قربان جاکرو جون صحافين سان ڳالهيون

زمين آباد ڪرڻ لاءِ آندل ٽريڪٽر بہ زبردستي ڪيدرائي ڇڏيو، هٿيارن جي نمائش ڪري ٻارن کي خوفزده ڪيو

ڊي سي ٺٽو ۽ وس وارن کي اپيل تہ زمين جو قبضو ختم ڪرائي بااثر قبضاگير خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: قربان جاکرو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ گوگڙو مڪان جي ڪوهستاني ڳوٺ مصري جاکرو جي رهواسي پورهيت قربان ولد محمد رمضان جاکرو پاران سندس زمين تي بااثر ماڻهن پاران قبضا ڪري ڪين ڏنل موتمار ڌمڪين خلاف ٺٽي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي قربان جاکرو چيو تہ سندن ٿورڙي باراني زمين ڳوٺ پرسان آهي، جنهن کي برساتون پوڻ بعد آباد ڪري گذر سفر ڪريون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

وزير آبپاشي جام خان شورو جو ڪوٽڙي بيراج تي اهم دورو

ذريعي تفصيلي جائزو LiDAR ميپنگ ۽ D پوڊ جي صورتحال جو 3

4 کان ساڍا 4 لک ڪيوسڪ پاڻي جو امڪان، آفيسر الرٽ، بندن جي 24 ڪلاڪ نگراني

عوام کي تحفظ ۽ رليف آپريشن بابت صوبائي وزير جو اعتماد ڀريو بيان

حيدرآباد (رپورٽر) وزير آبپاشي جام خان شورو جو ڪوٽڙي بيراج تي اهم دورو، ٻوڏ واري صورتحال جو تفصيلي جائزو حيدرآباد: سنڌ جي صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو ڪوٽڙي بيراج جو دورو ڪيو جتي هن ٻوڏ جي موجوده صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

حيدرآباد: وزير آبپاشي جام خان شورو جو ڪوٽڙي بيراج تي اهم دورو ڪندي

راڻيپور ۽ پرپاسي علائقن ۾ برسات ڪانپوءِ مڇرن جو آزار وڌي ويو

راڻيپور(منير جوڻيجو) مون سون جي برسات ڪانپوءِ مڇرن جو آزار وڌي ويو. مليريا ۽ ٻيون بيماريون پکڙجڻ لڳيون. ڪيترائي مريض اسپتال داخل. ڊاڪٽر غايب - شهري ڳوٺاڻا پريشان سينيٽر ڪي نوٽس وٺڻ جي اپيل رپورٽ موجب سنڌ جي ٻين شهرن جيان راڻيپور ۽ پرپاسي علائقن ۾ برسات ڪانپوءِ مڇرن جو آزار انتهائي وڌي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سرسوائين جي او پاران مائيڪرو گرانٽس جو پهريون فيض مڪمل، نوجوانن کي مايوسي

ڪيترا مستحق نوجوان ڪوائف مڪمل نہ هجڻ جي نالي تي لسٽ مان خارج ڪيا ويا

گهر وارن جو الزام، تي کان پنج لک ڏيڻ وارن جا نالا شارٽ لسٽ ڪيا ويا

سرسو گرانٽ ۾ ٽينڊر ڪرپشن روڪي صرف حقدارن کي فائدو ڏنو وڃي: بي روزگار نوجوانن جي اپيل

بدين (رجب راهمون) سرسوائين جي او کي سنڌ حڪومت پاران مائيڪرو گرانٽس پائيدار منصوبو لاءِ پهريون فيض مڪمل ڪري ڇڏيو جنهن ۾ ننڍا ننڍا ڪاروبار بي روزگار نوجوانن لاءِ ڪولڻ يورپي يونين جي مالي مدد سان آندو ويو هو بدين جو نوجوانن جيڪي مستحق آهن انهن پنهنجا ڪاغذ جمع ڪرايا هئا انهن ٻڌايو تہ اسان کي پهرين آسرو ڏنو ويو هو تہ توهان جو لون ٿي ويندو پر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سائيٽ حيدرآباد ۾ نالن جي تعمير نو، صنعتن جي نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيو

ڪارخانن تائين پهچ ناممڪن، سيوريج جو پاڻي گڏ ٿيڻ سان ماحولياتي آلودگي وڌي وئي

ٽرانسپورٽ، لوڊنگ ۽ پيداوار سخت متاثر، واپاري سرگرميون بحران جو شڪار

زبير گهانگرا جو حڪومت کان متبادل رستا ۽ هنگامي قدمن جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽر) چيئرمين حيدرآباد سائيٽ ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري زبير گهانگرا چيو آهي تہ سائيٽ صنعتي علائقي ۾ نالن جي تعمير نو جي جاري ڪم سبب صنعتي شعبي کي شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئي رهيو آهي، هن صورتحال نہ صرف سيوريج جو وڏو مسئلو پيدا ڪيو آهي پر روڊن جي خراب حالت سبب ٽرانسپورٽ، لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ ۽ ڪارخانن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شادي پلي ۾ جشن ميلادالنبي جو شاندار ۽ پرجوش پروگرام

عمرڪوٽ (محمد ٻچل) شادي پلي شهر ۾ جشن ميلادالنبي جو شاندار پروگرام، منقد ڪيو ويو تفصيل موجب شادي پلي ريلوي چوڪ پرسان آرائي برادري پاران حضرت محمد مصطفیٰ جي ولادت باسعادت جي موقعي تي شاندار ۽ پرجوش جشن ميلادالنبي جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪيو شادي پلي جي بهترين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سائيٽ حيدرآباد ۾ نالن جي تعمير نو صنعتن جي نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي

استادن کي 8 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ تي ڊپٽي ڪمشنر جو نوٽيس

لاڳاپيل کاتن جو هنگامي اجلاس طلب، سمورين واجبات جي ادائيگي جا حڪم

استادن جا مالي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو

ٺٽو(رپورٽ: واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر پاران استادن جون پگهارون جاري نہ ٿيڻ تي نوٽيس ، اهم اجلاس طلب، ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو نون پرتي ٿيل پرائمري استادن کي 8 مهينن کان پگهار نہ ملڻ جي شڪايت تي سخت نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: ڊي سي ٺٽو منور عباس سومرو جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس جو ڏيک

پياري لال ڪوٽڪ 82 ورهين جي عمر ۾ ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، آخري رسمون ڪراچي ۾ ادا

مرحوم لوهاڻا برادري جو ناليوارو مستري ۽ ٽرجو پراڻو مڪينڪ هو، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وئي

پ پ پ ڪلچرل ونگ اڳواڻ پرڪاش عرف پپو ڪوٽڪ جو والد هو، سياسي ۽ سماجي حلقن جو تعزيت جو اظهار

مٺي (محمدرحيم مگريو) پ پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ جي اڳواڻ پرڪاش عرف پپو ڪوٽڪ جو والد ۽ ٽرجو تمام پراڻو ۽ مشهور مڪينڪ گاڏين توڙي جرنيٽرن جو ناليوارو مستري استاد پياري لال ڪوٽڪ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪالهہ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مٺي ۾ سوڍي ڪولهي سان بدتميزي ڪندڙ ايس ايڇ او قادر بخش ٻهراڻي معطل

ڊي آءِ جي ميرپورخاص جي هدايت تي ايس ايس پي ٿرپارڪر فوري ڪارروائي ڪئي

هٽايل ايس ايڇ او معافي لاءِ سوڍي ڪولهي وٽ پهچي ويو، نئون چارج مبارڪ راڄڙ حوالي

مٺي (محمدرحيم مگريو) مٺي ۾ سوڍي ڪولهڻ سان پيش آيل واقعي بعد سوڍي ڪولهي سان بد تميزي ڪندڙ ايس ايڇ او مٺي قادر بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽو: ڊاڪٽر فياض وڳڻ بدلي، ڊاڪٽر جمال الدين جمالي مقرر

ٺٽو ضلعي جي مالوند ماڻهن پاران فياض وڳڻ جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو

بدلي روڪي فياض وڳڻ کي وڌيڪ وقت لاءِ مقرر ڪيو وڃي: مالوند ماڻهن جو مطالبو

ٺٽو(واحدشورو) فشريز ۽ جانورن جي پالنا کاتي سنڌ جي صوبائي وزير جي حڪم تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هسبينڊري ٺٽو ڊاڪٽر فياض احمد وڳڻ کي بدلي ڪري سندس جاءِ تي وٽنري ڊاڪٽر جمال الدين جمالي کي مقرر ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ميرپورخاص ۾ نابالغ هندو ڇوڪري کي مبينا زبردستي اسلام قبول ڪرائڻ خلاف احتجاج

پيڪستان دروڙا اتحاد جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان مظاهرو، سخت نعريبازي

واقعي جو نوٽيس وٺي ڇوڪري بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي: فقير شيوارام ڪڇي

ميرپورخاص (سومارسميجو) ميرپورخاص سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي جي حد جي رهائشي هندو مذهب سان تعلق رکندڙ نابالغ انيتا جو مبينہ زبردستي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميرپورخاص ۾ نابالغ هندو ڇوڪري کي مبينا زبردستي اسلام قبول ڪرائڻ خلاف احتجاج جو ڏيک

بدين ڪور واهه پوليس جي ڪاروائي دوران 30 لکن روپين جو گٽڪو ناهڻ جو خام مال هٿ

ڪراچي جا 3 بين الاضلع سپلائر گرفتار، 3000 ڪلو ڪاٿو ۽ تيار ٿيل گٽڪو ضبط

خام مال ٽنڊو باگو جي سيٺ روي شنڪر لاءِ وٺي وڃي رهيا هئاسين: گرفتار ملزم

بدين (رجب راهمون) بدين ڪور واهه پوليس جي مين گولاڙچي روڊ تي چيڪنگ جي دوران ڪاروائي ڪراچي کان ٽنڊو باگو جي طرف ڪجي ويندڙ 30 لک روپين جي ماليت جا گٽڪا ناهڻ جو خام مال ۽ 3 هزار ڪلو گرام جو ڪاٿو) ۽ 3000 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ڪور واهه پوليس جي ڪاروائي دوران 30 لکن روپين جو گٽڪو ناهڻ جو خام مال هٿ ڪيو ويو آهي

چتوچنڊ ۾ برساتن بعد مال چاري دوران تڪرار، حملي ۾ نوجوان سخت زخمي ۽ ڏکي معذور

محمد ابراهيم دڦراڻي جو چوڻ آهي تہ خان دڦراڻي ۽ ساٿين پٽ تي حملو ڪري زخمي ڪيو

جوابدار گرفتار نہ ٿيا، وڌيڪ نقصان جو خطرو آهي: متاثر پورهيت جو وس وارن کان انصاف جو مطالبو

ٺٽو(واحدشورو) چتوچنڊ جي ڳوٺ محمد حسين دڦراڻي جي رهواسي محمد ابراهيم دڦراڻي ٺٽي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي تہ تازو پيل برساتن بعد هو مال جي چاري سانگي ڪوهستان ست ياڳي هڪ ڳورهاڻو مڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جنگشاهي ۾ وائيس چيئرمين يوسي لاءِ اميدوار وقاص سنڌهي جي حمايت ۾ شاندار گڏجاڻي

تاجر برادري، سماجي اڳواڻن ۽ واپاري اتحاد جي عهديدارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

علائقي جي ترقي ۽ خدمت لاءِ وقاص سنڌهي ئي بهترين اميدوار آهي: شرڪت ڪندڙ

جنگشاهي (ذوالفقار علي) جنگشاهي تاجر برادري جي حمايت جو اعلان وائيس چيئرمين يوسي جنگشاهي لاءِ اميدوار وقاص مغل سنڌهي جي حمايت ۾ هڪ شاندار گڏجاڻي، حاجي عبدالڪريم مغل سماجي اڳواڻ حاڪم علي بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

جنگشاهي ۾ وائيس چيئرمين يوسي لاءِ اميدوار وقاص سنڌهي جي حمايت ۾ شاندار گڏجاڻي منعقد آهي

احمدپور پرسان سينگار فائونڊيشن پاران يوم دفاع جي حوالي سان تقريب، ٻارن جا قومي نغما ۽ ٽيبلو پيش

پاڪستان جي حفاظت ۽ ترقي اسان سڀني جي وڏي ذميواري آهي: ذوالفقار قلپوٽو، مقصود ميتلو ۽ ٻين

تقريب دوران وڻڪاري مهم، ٻارن کي وڻن جي اهميت ۽ تحفظ بابت آگاهي ڏني وئي

احمدپور (سرفراز علي ميتلو) احمدپور پرسان سماجي تنظيم ڳوٺ سينگار فائونڊيشن پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ پاران پرائم پبلڪ ايليمينٽري اسڪول ماستر در محمد ميتلو ۾ يوم دفاع جي سلسلي ۾ هڪ تقريب ٿي گذري. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جنگشاهي لڳ ساڌورو اسٽيشن پرسان حادثو، 12 سالن جي نياڻي فوت

پاڻي ڀرڻ دوران پير ترڪڻ سبب کوٽيل کڏ ۾ ڪري ٻڏي وئي

ڳوٺاڻن ٽن ڪلاڪن بعد لاش ڪڍي وارثن حوالي ڪيو

جنگشاهي (رپورٽ: ذوالفقار علي) جنگشاهي لڳ ساڌورو اسٽيشن پرسان ڳوٺ صالح محمد برفت ۾ حادثو، 12 سالن جي نياڻي فوت تفصيل موجب. جنگشاهي لڳ ساڌورو اسٽيشن پرسان ڳوٺ صالح محمد برفت ۾ وڏي حادثي دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي لڳ بروهي فارم هائوس تي آجياڻي، صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي جي شرڪت

انجنيئر خير محمد بروهي ۽ سندس اولاد سان محبت ۽ ساٿ هميشہ قائم رهندو: رياض شاهه شيرازي

سردار شاهد بروهي مهمانن کي لونگيون ۽ اجرڪون پيش ڪري معزز استقبال ڪيو

صوبائي وزير ٺٽي عوام جو حقيقي نمائندو ۽ انسان دوست شخص آهي: شاهد بروهي

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو آهي تہ سابقہ تعلقي نائب ناظم انجنيئر حاجي خير محمد بروهي پنهنجي والد سميت پنهنجي وڏڙن کان وٺي اسان سان ساٿ نڀائيندا پيا اچن ۽ هاڻي سندن اولاد بہ اسان سان اوترئي محبت ڪري ٿو. جيتري اسان ساڻن محبت ڪريون ٿا، اسان جو اهو ساٿ هميشہ قائم ۽ دائم رهندو، هن اهي ڳالهيون ٺٽي لڳ بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پارٽي جيلن مان آزاد ٿيندڙ سنڌ جا 53 ماهيگير ڏهن ڏينهن کان لاهور جي جيل ۾ قيد

ٺٽو، سجاول ۽ ڪراچي سان تعلق رکندڙ ماهيگيرن جا گهرڀاتي پنهنجي پيارن جي واپسي لاءِ بيچين

فشريز کاتو ماهيگيرن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي، تڪليفون وڌي ويون آهن

انساني حقن جي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جو فوري آزادي ۽ گهرن ڏانهن موڪلڻ جو مطالبو

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو قادر عثمان) پارٽي جيلن مان آزاد ٿيڻ باوجود سنڌ جا 53 ماهيگير گذريل ڏهن ڏينهن کان لاهور جي جيل ۾ قيد آهن. انهن ماهيگيرن جو تعلق سنڌ جي ساموندي پٽيءِ جي مختلف ضلعن ٺٽي، سجاول ۽ ڪراچي سان آهي. گهرڀاتي پنهنجن پيارن جي واپسيءَ لاءِ بيتاب آهن ۽ هر گذرندڙ ڏينهن سان سندن پريشاني وڌندي پئي وڃي. ماهيگيرن جي گهرڀاتين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪيٽي بندر: لاهور جيل ۾ قيد ماهيگير

ميهڙ باءِ پاس مال پڙي ۾ مال واپاري قتل، قاتل گرفتار، علائقي ۾ پاڄ پوءِ ۽ خوف

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ باءِ پاس مال پڙي تي ڪاڇي مان آيل مال جو واپاري قتل، قاتل جوابدار گرفتار، ماڻهن ۾ پاڄ،خوف هراس، پوليس پهچي وئي، ميهڙ جي اي سيڪشن حد باءِ پاس ميهڙ تي هرخميس تي لڳندڙ مال جي پڙي ۾ قتل جو واقعو پيشو آيو آهي، ٻڌايو وڃي تو تہ مال پڙي ۾ مال جي واپار لاءِ آيل ڪي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جنگشاهي ۽ پرپاسي ڳوٺن ۾ پيئڻ جو پاڻي بند هجڻ سبب شهري ۽ ڳوٺاڻا پريشان

پاڻي نہ ملڻ تي گڏهہ گاڏن وارا ۽ رهواسي جنگشاهي ٺٽو روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

شرڪائن پاران "پاڻي ڏيو، جيئڻ لاءِ پاڻي ڏيو" جا نعرا هنيا، روڊ بند ٿيڻ سبب گاڏين جي قطار

چيف جسٽس، نيب ۽ اعليٰ اختيارين کان ڪرپشن خلاف انڪوائري ۽ واٽر سپلاءِ بحال ڪرڻ جو مطالبو: شهري

جنگشاهي (ذوالفقار علي) جنگشاهي ۾ پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو شهري توڙي ڳوٺاڻا پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ پريشان عوام روڊن تي نڪري آئي بن يونين ڪائونسلن تي مشتمل جنگشاهي شهر توڙي آس پاس جي ڳوٺن ۾ ڪيترن ئي مهينن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جنگشاهي ۽ پرپاسي ڳوٺن ۾ پيئڻ جو پاڻي بند هجڻ سبب شهري پريشان آهن

ضلع ٺٽو جي مختلف علائقن ۾ برساتن بعد مڇرن جو آزار وڌي ويو

ڪيٽي بندر (خليفو قادر عثمان) تازين برساتن ڪانپوءِ ٽائون ڪميٽي ڳاڙهو، يوسي محل، يوسي ٻگهاڻ، يوسي ڪيٽي بندر، يوسي ڳرنار سميت ضلع ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ مڇرن جو آزار انتها تي پهچي ويو آهي. مڇرن جي وڌندڙ تعداد سبب رهواسي راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن ۽ علائقي ۾ مليريا جي ڪيسن ۾ خطرناڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪوٽ غلام محمد ۾ ايريگيشن جي ناانصافين خلاف آبادگارن جي گڏجاڻي

نواب حارث ٽالپر جي اڳواڻي ۾ زميندارن ۽ مختلف يوسين جي آبادگارن جي شرڪت

واٽرن جي آبادگارن سان رابطا مهم بعد ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪوٽ غلام محمد (عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ نواب محمد حسين ٽالپر ۾ سب ڊويزن ايريگيشن خلاف پاڻي جي غير قانوني وارا بندي کاتي ۽ صفايي سميت آبادگارن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف نواب حارث ٽالپر جي اڳواڻي ۾ آبادگارن سان گڏجاڻي ٿي گزري جنهن ۾ مير آصف ٽالپر وڏيرو شاهد خاصخيلي نعيم اختر خاصخيلي ارباب ڪوسو محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکيون ۾ ٻوڏ متاثر علائقي ۾ نانگ ڪکڻ سبب معصوم رضوانہ چنو فوت

ايمرجنسي مرڪزن ۾ عملي ۽ دوائن جي کوٽ، سرڪار جا دعويٰ هوا ثابت

رهواسين جو لاپرواهہ عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪچي علائقن ۾ نانگن ۽ زهريلن جيوت سبب حالتون ڳڻتي جوڳيون: سيد زوار شاهه

راڻيپور (منير جوڻيجو) درياءِ سنڌ ۾ ايندڙ ٻوڏ ۽ برسات سبب جتي هزارين ماڻهو پنهنجن گهرن ۽ وسندين کان محروم ٿي ويا آهن، اتي ئي ٻوڏ سبب پيدا ٿيندڙ حالتن ۾ انساني زندگيون خطري ۾ اچي ويون آهن. سکيون ۾ رضوانا چنو کي نانگ جي ڪکڻ بعد ڪا سهولت بچائي نہ سگهي پنهنجي والد جي جهولي ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي. جنهن بعد ڪيترائي سوال جنم پيا وٺن تہ عام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف عمرڪوٽ ۾ بک هڙتال ڪئمپ

سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سڏ تي شاگردن ۽ اڳواڻن جي وڏي شرڪت

نوڪرين جي وڪري ۽ نوجوانن جي حقن کان محرومي تي سخت نعريبازي

سنڌ حڪومت کان ميرٽ بحال ڪرڻ ۽ نوڪريون شفاف ڪرڻ جو مطالبو

عمرڪوٽ (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سڏ تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۽ نوڪرين جي وڪري خلاف هڪ ڏينهن لاءِ پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو بک هڙتال ڪئمپ لڳائي وئي. بک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف عمرڪوٽ ۾ بک هڙتال ڪئمپ جو ڏيک

تلهار: درگاهه مخدوم امام رح پرسان جار جا تاريخي وڻ بااثر ماڻهن طرفان غيرقانوني وڍڻ شروع

تلهار (مختيار احمد ملاح) تلهار پرسان يونين ڪائونسل حاجي اشرف ٽيپو ۾ ايندڙ ميون ملوڪ ۾ تاريخي درگاهه مخدوم امام رح جي نالي سان جيڪا پوري لاڙ سنڌ توڙي پوري ملڪ ۾ مشهور آهي جتي پنج وقت نماز جو سالانہ اجتماع ۾ پڻ ٿئي تو جتي لکين ماڻهو عقيدتمند پنج وقت جي نماز پڙهڻ ۽ اولياء تي حاضريون ڏيڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

واره ويجهو ڳوٺ ڏڳاڻو ڪتياڻ ۾ ڇهون ساليانو جشن ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم

سوين جماعتين جي شرڪت، آقا جي آمد مرحبا جا نعرا گونجي اٿيا

علائقي جي علماءِ ڪرام جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگي ۽ تعليمات تي خطاب

پاڪستان جي ترقي ۽ سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

واره (رپورٽر) واره ويجهو ڳوٺ ڏڳاڻو ڪتياڻ ۾ ڇهون ساليانو جشن عيد ميلادالنبي جلسو منعقد ڪيو ويو. سوين جماعتين جي شرڪت. آقا جي آمد مرحبا جا نعرا. خبر موجب واره ويجهو ڳوٺ ڏڳاڻو ڪتياڻ مدرسہ انوارالقرآن ضميرہ نقشبنديہ ۾ مولانا مولوي ساجد حسين ڪتياڻ سڪندري جي نگراني هيٺ ڇهون ساليانو جشن عيد ميلادالنبي جو جلسو شاندار نموني سان منعقد ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي چاڙهہ سبب بي يو بچاءُ بند ڳڻتي جوڳي حالت ۾، ڳوٺاڻا لڏپلاڻ تي مجبور

بند ۾ ڏار ۽ روٽيون ظاهر، مرمت نہ ٿيڻ سبب ڪنهن بہ وقت ٽٽڻ جا خدشا، انتظاميا خاموش

بيلدار ۽ داروغن کي سهولتون نہ مليون، پاڻي، بسترا ۽ ڪاٺو بہ ڳوٺاڻا فراهم ڪن پيا

امڪاني ٻوڏ روڪڻ لاءِ بندن جي فوري مرمت ۽ انتظاميا کي ايمرجنسي ۾ پابند ڪرڻ جو مطالبو: ڳوٺاڻا

گهوڙاٻاري (شاهہ خالد ڏاتاري) سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي چاڙهہ سبب انتظاميا اڳهور ننڍ سٽل انتظاميا جي عدم دلچسپي ۽ لاپرواهي سبب درياءَ ۾ لڳل پاڻي جي ماپ وارو 14 فوٽن واري پيلر مطابق هن وقت بي يو بچاءُ بند گليل تي درياءَ جو پاڻي 9 فوٽ کان ڪراس ڪري ويو آهي ڪچي جي ڳوٺ ولي محمد خشڪ مير حسن خشڪ سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پاڻي اچڻ سبب ڳوٺاڻا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي چاڙهہ سبب بي يو بچاءُ بند ڳڻتي جوڳي حالت ۾ آهي

ٽنڊوآدم: نيو علي ڳڙهہ ڪاليج ۾ سيرت النبي صہ تي شاندار پروگرام

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم نيو علي ڳڙهہ ڪاليج ٽنڊوآدم ۾ ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر ياد حسين شيخ جي ميزباني هيٺ سيرت نبوي صہ پروگرام ٿي گذريو جنهن جو خاص مهمان اڳوڻو سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين هو جڏهن تہ صدارت ڊائريڪٽر ڪاليجز شهيد بينظيرآباد ريجن پروفيسر محمد سليمان سيال ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12